Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 04 جولاءِ 2023 ع بمطابق 15 ذوالحج 1444هه | شمارو: 255 | قيمت10 روپيا

معاهدو فخر نه ڳٽڻي جي ڳالهه آهي، دعا آهي ته آخري ڊيل هجي: وزيراعظم

چين جي مدد ڪي وساري نٿو سگهجي، جيڪڏهن چين مدد نه ڪري ها ته اڄ معاملو ڪجهه ٻيو هجي ها

سعودي عرب به ٻه ارب ڊالر ڏيڻ جو واعدو ڪيو، سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن کان مدد ۾ آرمي چيف اهم ڪردار ادا ڪيو

آءِ ايم ايف معاهدي سان سيڙپڪارن ۽ ڪاروباري برادري جو اعتماد بحال ٿي رهيو آهي ، دعا آهي ته آءِ ايم ايف سان اسان جي هيءَ آخري ڊيل هجي

نواز شريف ترقي جو سفر جتي ڇڏيو هو، اتان ٻيهر شروع ٿي رهيو آهي، هاڻ ترقي جو سفر تيز ٿيندو، عوام کي مهانگائي مان ڇوٽڪارو ڏياريندا سين

9 مهينن لاءِ ملندڙ رقم عارضي رليف آهي، اها اسان لاءِ فخر جي نه پر ڳٽڻي جي ڳالهه آهي : وفاقي ڪابينا اجلاس سان خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان ڊيل فخر نه پر ڳٽڻي جوڳي ڳالهه آهي، دعا آهي ته هيءَ آخري ڊيل هجي. وفاقي ڪابينا اجلاس سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف رڪارڊ تي آڻڻ چاهيون ٿا ته چين طرفان 5 ارب ڊالرن جو قرض ۽ رول اوور ڏنو ويو، چين جي مدد ڪي وساري نٿو سگهجي، جيڪڏهن چين مدد نه ڪري ها ته اڄ معاملو ڪجهه ٻيو هجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

امداد نه واپار گهرجي، ٻلاڪ واري سياست جي خلاف آهيون: بلاول ڀٽو

پاڪستان ۽ جاپان گڏيل فائدي لاءِ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي واپار وڌائڻ جي صلاحيت رکن ٿا

جاپاني قيادت ۽ واپارين سان ملاقات دوران پاڪستان ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ تي زور ڏيندس

پاڪستان ۾ 65 سيڪڙو کان وڌيڪ نوجوانن جي آبادي آهي ۽ اسان ان انساني وسيلن کي مهارت تي ٻڌل تعليم ۽ تربيت ذريعي استعمال ڪري سگهون ٿا

اسان جي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي فلسفو رهيو آهي ته اسان کي امداد نه واپار گهرجي ۽ منهنجي جاپان جي دوري جو مقصد به اهوئي آهي

9 مئي وارو واقعو پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو باب آهي. ڪنهن کي به جمهوري احتجاج جي نالي تي فوجي اڏن تي حملا ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ٽوڪيو(م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جاپاني واپارين سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي بي بي آصف ڀٽو زرداري به موجود هئي. بلاول ڀٽو زرداري ۽ جاپاني واپارين وچ ۾ ٻطرفي واپاري لاڳاپن ۽ ڪاروباري موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ جاپان گڏيل فائدي لاءِ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي واپار وڌائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽوڪيو ۾ رهندڙ پاڪستانين پاران منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو پرڏيهي وزير چيو ته زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ ۾ سيڙپڪاريءَ سان ٻئي ملڪ فائدو حاصل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ٽوڪيو: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جاپاني واپارين سان ملاقات دوران ڳالهائيندي

توشا خانا ڪيس، پي ٽي آءِ چيئرمين جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس تي بي اعتمادي ظاهر

پي ٽي آءِ چيئرمين توشا خانا ڪيس خلاف درخواستون ٻي بئنچ منتقل ڪرڻ جي پٽيشن داخل ڪري ڇڏي

درخواست ۾ چيف جسٽس کان تحريڪ انصاف چيئرمين جون درخواستون ٻڌڻ کان معذرت ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي

سيشن ڪورٽ جي فيصلي خلاف تحريڪ انصاف چيئرمين جون اپيلون ٻڌڻي هيٺ

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين توشا خان ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق تي عدم اعتماد جو اظهار ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ چيئرمين توشا خانا ڪيس خلاف درخواستون ٻي بئنچ منتقل ڪرڻ جي پٽيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ترين جا رابطا تيز، پنجاب مان وڏي انگ ۾ شموليت جو امڪان

جهانگير ترين ۽ عليم خان ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ لاهور، اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ ملاقاتون ڪندا : ذريعا

پارٽي قيادت خيبرپختونخواهه جي وڏين سياسي شخصيتن سان به رابطو ڪيو آهي

اليڪشن ڪميشن ۾ پارٽي جي رجسٽريشن به هلندڙ هفتي مڪمل ٿي ويندي

لاهور(م د) پاڪستان اسٽيبلشمينٽ پارٽي جي سربراهه جهانگير ترين وطن واپسي ڪانپوءِ سڄي ملڪ ۾ سياسي رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن ذريعن موجب جهانگير ترين جي سياسي رابطن ڪانپوءِ پنجاب اسيمبلي جي 30 کان وڌيڪ اڳوڻن ميمبرن جي پاڪستان استحڪام پارٽي ۾ شموليت جو امڪان آهي ذريعن جو چوڻ آهي ته جهانگير ترين ۽ عليم خان ايندڙ ڪجهه ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

تعليم کاتي سرڪاري ڪتاب ڪٻاڙي کي وڪڻي ڇڏيا

محمد پور روڊ تي ڪٻاڙي جي دوڪان تي ٻهرين ڪان اٺين درجي جا 8 مڻ ڪتاب وڪرو ڪيا ويا

عيد کان هڪ ڏينهن اڳ تعليم کاتي وارن کان سرڪاري ڪتاب ورتا : ڪٻاڙي خان ڪولاچي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ سرڪاري ڪتاب خريد ڪندڙ ڪٻاڙي جي وڊيو سامهون اچي وئي آهيسامهون آيل وڊيو ۾ ڪٻاڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آءِ ايم ايف فنانسنگ سان پاڪستان لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ جو رستو کلندو : موڊيز

ڪراچي (م د) معيشتن جي درجابندي ڪندڙ عالمي اداري موڊيز پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ 3 ارب ڊالرن جي اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ معاهدي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي ۾ چوماسي برساتن بابت وڏي اڳڪٿي

سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواهه ۽ مٿين علائقن ۾ مينهن وسڻ جو امڪان

ڪراچي ۾ 7 ۽ 8 جولاءِ تي آنڌاري، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي

ڪراچي (م د) چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز اڳڪٿي ڪئي آهي ته چوماسي برساتن سان ڪراچي ۾ اربن فلڊنگ جو خطرو ناهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مئي جي ڀيٽ ۾ جون ۾ مهانگائي جي شرح گهٽجي وئي

پاڪستان ۾ جون ۾ مهانگائي جي شرح 29.40 سيڪڙو رهي : شماريات کاتو

گذريل سال جون ۾ مهانگائي جي شرح 21.3 سيڪڙو تي هئي

اسلام آباد (م د) ملڪ ۾ مئي جي ڀيٽ ۾ مهانگائي ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. جون ۾ مهانگائي جي شرح 29.4 سيڪڙو تي رهي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

گورنر هائوس سنڌ ۾ 50 هزار ٻارن کي مفت آءِ ٽي ڪورس ڪرائڻ جو منصوبو

ڪراچي (م د) گورنر هائوس سنڌ ۾ 50 هزار ٻارن کي مفت آءِ ٽي ڪورس ڪرائڻ جو منصوبو ترتيب ڏنو ويو50 هزار ٻارن کي مفت آءِ ٽي ڪورسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نواز شريف، مريم نواز کي اهم ٽاسڪ ڏئي ڇڏيو

ن ليگ قائد نواز شريف جي صدارت هيٺ دبئي ۾ اجلاس ٿيو

نواز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سياسي ۽ قانوني معاملن تي مشاورت ڪئي وئي

اجلاس ۾ ن ليگ هلندڙ مهيني چونڊ مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي : ذريعا

دبئي (م د) ن ليگ قائد نواز شريف جي صدارت هيٺ دبئي ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ هن پارٽي ۽ چونڊ معاملن بابت مريم نواز کي ٽاسڪ ڏئي ڇڏيو ن ليگ قائد نواز شريف هڪ هفتي کان دبئي ۾ ترسيل آهي، اتي هن اڳوڻي صدر آصف علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ن ليگ قائد نواز شريف ۽ مريم نواز (فائيل فوٽو)

ڪنهن غريب جو علاج بند نه ٿيندو: محسن نقوي

هيلٿ ڪارڊ جو غلط استعمال بند ڪيو ويو آهي، دل جا آپريشن ڪنهن به صورت ۾ بند ناهن ڪيا ويا

هيلٿ ڪارڊ جي فراهمي کي ڪنهن به صورت ۾ نه روڪيو پيو وڃي، ڪنهن به غريب جي علاج کي روڪيو پيو وڃي

ڏوهن جي شرح گهٽ ٿي آهي پر گهٽ نه ٿي آهي جيئن گهٽ ٿيڻ گهرجي ها

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جو چوڻ آهي ته صحت ڪارڊ جي فراهمي بند نه ڪئي پئي وڃي ۽ نه ئي ڪنهن غريب جو علاج بند ڪيو پيو وڃي، نگران وڏي وزير محسن نقوي رات دير سان لاهور ۾ اڪبر ج/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي

پاڪستان کي قرض فراهمي جي منظوري، آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس 12 جولاءِ تي ٿيندو

ايگزيڪيوٽو بورڊ جي منظوري ڪانپوءِ پاڪستان کي قرض جي پهرين قسط جاري ڪئي ويندي : آءِ ايم ايف اختيارين

پاڪستان کي ملندڙ پهرين قسط جو ڪاٽو 1.1 ارب ڊالر هوندو، معاهدي تحت پاڪستان ٽيڪسن جي آمدني وڌائيندو

معاهدو پاڪستان جي ٻاهرين ادائيگين جو دٻاءُ گهٽ ڪندو ۽ معاهدي سان سماجي شعبي لاءِ فنڊن جي فراهمي بهتر ٿيندي : پڙائي

اسلام آباد(م د) پاڪستان جي قرض معاهدي جي منظوري لاءِ آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس 12 جولاءِ تي ٿيندو، آءِ ايم ايف اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آزادي لاءِ بيٺو آهيان: فردوس شميم نقوي

چوندا آهن ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماڻهن کي ڪهڙي پريشاني آهي

مان پاڪستان لاءِ آهيان، تحريڪ انصاف پاڪستان لاءِ آهي

ڪراچي (رپورٽر)تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فردوس شميم نقوي جو چوڻ آهي ته آزادي لاءِ ٻيلو آهيان، فردوس شميم نقوي اهڙو اظهار ڪراچيجي سٽي ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

فردوس شميم نقوي

بلوچستان ۾ شهيد ٿيل سنڌ واسي 2 جوانن جي فوجي اعزاز ۾ تدفين

شهيد ٿيل سنڌ واسي ميجر ثاقب ۽ ميهڙ واسي نائڪ باقر علي جي فوجي اعزاز سان تدفين ٿي

جنازي نماز ۽ تدفين ۾ وارثن، فوجي آفيسرز، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين طرفان وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وئي

جي جتي پاران سلامي پيش ڪئي وئي، شهيد ٿيل ميجر ثاقب جي سوڳوارن ۾ والدين ۽ بيوهه شامل

راولپنڊي (م د) بلوچستان ۾ دهشتگردن سان وڙهه دوران شهيد ٿيل سنڌ واسي ميجر ثاقب ۽ ميهڙ واسي نائڪ باقر علي جي فوجي اعزاز سان تدفين، پاڪ فوج جي شهيد ميجر ثاقب جي جنازي نماز پوليس لائين سانگهڙ ۾ ادا ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

بلوچستان ۾ شهيد ٿيل سنڌ واسي 2 جوانن جي فوجي اعزاز ۾ تدفين ڪئي پئي وڃي

جي ڊي سي ايل جهل مگسي گئس منصوبي تي ٻيهر ڪم شروع ڪري ڇڏيو

گئس جي وڌندڙ ضرورت کي ڏسندي ڪم شروع ڪيو ويو آهي : ترجمان

منصوبي سان ماهوار 411 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملندي

اسلام آباد (م د) آئل اينڊ گئس ڊيولپمينٽ ڪمپني (او جي ڊي سي ايل) جهل مگسي گئس منصوبي تي ٻيهر ڪم شروع ڪري ڇڏيو او جي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام اپ ڊيٽ، اڄ کان وري پيسا ملندا

پروگرام تحت قسط جاري ڪئي وئي هئي جيڪا ٻن ڏينهن لاءِ روڪي وئي هئي

هاٽي پيسا مرڪزن بدران بينڪن وٽان ملندا : شازيه مري

ڪراچي (م د) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت قسط جاري ڪئي وئي هئي جيڪا ٻن ڏينهن لاءِ روڪي وئي هئي، ان ڪانپوءِ ٻيهر پيسا ڊيوائس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آءِ ايم ايف سان ڊيل جا اثر، پاڪستاني رپيو مضبوط ٿيڻ لڳو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 رپيا سستو ٿي ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ ان جو قدر 285 رپيا آهي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 72 پئسا سستو ٿي 286 رپين 99 پئسن تي بند ٿيو هو

ڪراچي (م د) عيد جي موڪلن ڪانپوءِ ڪاروباري هفتي جي شروعات ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جو قدر بهتر نظر اچي رهيو آهي، اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 رپيا سستو ٿي ويو آهي. جنهن ڪانپوءِ ان جو قدر 285 رپيا آهي عيد کان اڳ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 290 رپين تي بند ٿيو هو. جڏهن ته انٽربئنڪ ۾ ڊالر 72 پئسا سستو ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاهور هاءِ ڪورٽ ريڊيو پاڪستان جي ڪانٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ ريڊيو پاڪستان جي ڪانٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ جو حڪم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آءِ ايم ايف ڊيل ڪانپوءِ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ زبردست تيزي، تاريخ لکجي وئي

آءِ ايم ايف سان 3 ارب ڊالرن جي ڊيل ڪانپوءِ ڪاروبار جي پهرئين ڏينهن زبردست تيزي ڏٺي وئي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪاروبار جي 2230 پوائنٽس واڌ سان شروعات ٿي

ڪاروبار جي شروعات تي ئي هنڊريڊ انڊيڪس اوچتو 5.3 سيڪڙو مٿي ويو، جنهن ڪانپوءِ ڪاروبار هڪ ڪلاڪ لاءِ روڪيو ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڀرپور ڪاروبار جي شروعات ٿي تاريخ لکجي وئي، آءِ ايم ايف سان 3 ارب ڊالرن جي ڊيل ڪانپوءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سعودي شهزادو طلال بن منصور بن عبدالعزيز

سعودي شهزادو طلال بن منصور بن عبدالعزيز لاڏاڻو ڪري ويو

رياض (م د) سعودي شهزادو طلال بن منصور بن عبدالعزيز لاڏاڻو ڪري ويو سعودي عرب جي شاهي ايوان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ تصديق ڪئي وئي شهزادو طلال بن منصور بن عبدالعزيز لاڏاڻو ڪري ويو آهي، سعودي ميڊيا موجب شهزادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ بجليءَ جو بحران، مظاهرا، ڳڙهي ياسين ۾ گرڊ اسٽيشن تي حملو

بجليءَ جي ڏکيءَ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب پاڻيءَ جي بحران به ڪر کنيو، ڦلجي اسٽيشن ۾ سيپڪو خلاف احتجاجي ريلي ڪئي وئي

سخت گرميءَ ۾ بجلي نه هئڻ سبب ٻارن ٻچن سوڌو تڙپي رهيا آهيون : مظاهرين

ڪراچي (نمائندن وٽان) بجليءَ جي بحران دادو، شڪارپور، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين شهرن جي عوام جا لاهه ڪڍي ڇڏيا، مختلف شهرن ۾ بجليءَ جو بحران ختم نه ٿيو بجليءَ جي ڏکيءَ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب پاڻيءَ جي بحران به ڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٻڪر جورت پيئاري نوجوان مارائيندڙ جعلي پير ساٿين سوڌو ٽنڊو آدم ۾ گرفتار

ڳوٺ ماڪ ٿهيم ۾ مبينا طور جعلي پير پاران ٻڪر جي رت پيارڻ سبب نوجوان عاشق ٿهيم فوت ٿي ويو هو

پوليس قتل ڪيس ۾ نامزد جعلي پير پيرل شاهه، روشن ٿهيم ۽ سلطان ٿهيم کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو

ٽنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ ضروري ڪاروائي بعد رمانڊ لاءِ عدالت پيش ڪنداسين ۽ وڌيڪ جاچ جاري رهي آهي : ايس ايڇ او

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم لڳ ٻڪر جورت پيئاري نوجوان کي مارائيندڙ جعلي پير کي ساٿين سوڌو پوليس گرفتار ڪري ورتو آهيٽنڊو آدم لڳ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ٽنڊو آدم : ٻڪر جورت پيئاري نوجوان مارائيندڙ جعلي پير گرفتاري بعد ساٿين سميت بيٺل آهي

ڪڪڙ جي گوشت جو اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو

ڪراچي (م د) لڳي ٿو ڪراچي جي شهرين کي ڪجهه هفتن تائين قرباني جي گوشت تي ئي گذارو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ تي پاڻي چورائڻ جو الزام: خورشيد شاهه پاران بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ جو اعلان

بلوچستان جي وفد سکر بيراج جو دورو ڪري وفاقي وزير خورشيد شاهه سان ملاقات ڪئي، خورشيد شاهه بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ڪا به کوٽ نه آهي، گڏو وٽ به تار پاڻي وهي رهيو آهي : خورشيد شاهه

2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ تي خورشيد شاهه جا ٿورائتا آهيون : بلوچستان جي آبپاشي وارو وزير حاجي محمد خان

سکر(رپورٽر) صوبائي آبپاشي وزير، اسپيڪر ۽ سينيٽرز تي ٻڌل بلوچستان جي وفد الزام هنيو آهي ته بلوچستان جي حصي جو پاڻي سنڌ ۾ چوري ٿي رهيو آهي، پاڻيءَ جي چوري روڪي بلوچستان کي پنهنجو پاڻي ڏيوبلوچستان جي وفد سکر بيراج جو دورو ڪري وفاقي وزير خورشيد شاهه سان ملاقات ڪئي، خورشيد شاهه بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وقتي صدر صادق سنجراڻي سان سينيٽر دنيش ڪمار ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي: ڪير جي اگهه ۾ هٿرادو واڌ ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو

ڊپٽي ڪمشنرز پنهنجي نگراني ۾ سرڪاري اگهه 180 رپيا في ڪلو ڪير جي وڪري تي عمل ڪرائين : ڪمشنر ڪراچي

سمورا آفيسر فيلڊ ۾ رهي عوام جون شڪايتون ختم ڪن ۽ ڪير جا اگهه چيڪ ڪن : اقبال ميمڻ

جتي ڀڃڪڙي ٿئي، اتي پنهنجي نگراني ۾ سرڪاري اگهه تي ڪير وڪرو ڪرائين

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ ڪير جي اگهه ۾ هٿرادو واڌ تي انتظاميا اکين ٻوٽيندي ڪير ڪٻائيندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪري ورتو ڪراچي جي ڪمشنر سڀني ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي پنهنجي نگراني ۾ سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ ڏيوالو ٿيڻ جي اميد رکندڙ ٻيهر ناڪام ٿي ويا: ميان زاهد حسين

ڪاروباري برادري آءِ ايم ايف جي اعتماد جي مڪمل بحالي لاءِ کنيل قدمن جي حمايت ڪري ٿي

آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ ٽن ارب ڊالر جو اسٽينڊ باءِ معاهدو ٿيڻ تي اپوزيشن انتهائي مايوس آهي

عوام ۽ ڪاروباري برادري مطمئن ٿي وئي آهي جنهن جو اظهار اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 2400 پوائنٽس جي واڌ سان ٿي ويو آهي

ڪراچي (م د) نيشنل بزنس گروپ پاڪستان جي چيئرمين، پاڪستان بزنس مين اينڊ انٽيليڪچولز فورم ۽ آل ڪراچي انڊسٽريل الائنس جي صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ميان زاهد حسين چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد ملاقات ڪري رهيو آهي

ڀارتي رياست آسام ۾ ائين جماعت جي شاگردياڻي کي زيادتي بعد قتل

گوهاٽي (م د) ڀارتي رياست آسام ۾ ائين جماعت جي شاگردياڻي کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو آهي، پرڏيهي ميڊيا موجب، آسام پوليس ائين جماعت ۾ پڙهندڙ 16 ورهين جي ناري کي زيادتي بعد قتل ڪرڻ جي تصديق ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

حيدرآباد واسي نوجوان آمريڪا ۾ پوليس آفيسر بڻجي ويو

نوجوان ڪاشف سرمد خالد آمريڪا ۾ محنت ڪري وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي

ڪاشف خالد ٽريننگ حاصل ڪرڻ بعد [illegible] ڊپٽي شيرف مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پهريون پاڪستاني نوجوان [illegible] حيدرآباد جي نوجوان ڪاشف سرمد خالد آمريڪا ۾ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستاني نوجوان ڪاشف سرمد خالد (فائيل فوٽو)

[illegible] غير قانوني [illegible]: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو حڪم

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڊار سان چيني سفارتڪار جي ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چين جي پرڏيهي وزير پينگ چن شو سان ملاقات ڪئي

ناڻي واري وزير چين جي گورنر کي معيشت ۾ استحڪام بابت به آگاهه ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چين جي گورنر پينگ چن شو سان ملاقات ڪئي، [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سان چين جي پرڏيهي وزير پينگ چن شو ملاقات ڪري رهي آهي

نوشهرو فيروز پرسان شهر ڪاهي راهو جي رهواسي راجپوت برادري جي ماڻهن پاران احتجاج

شڪيل راجپوت-سجاد -فاروق عارف ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جي گهر ڪري ڇڏي

اسان راجپوت برادري جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ اسان کي چون ٿا ته زمين خالي ڪري ڏيو: مظاهرين

اسان کي ڪي جاني مالي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ٿا ڏين اسان کي ڪجهه به ٿيوان جا ذميوار پاڻ هوندا

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان شهر ڪاهي راهو جا رهواسي راجپوت برادري جا شڪيل راجپوت،سجاد فاروق عارف نعيم رضا رضا الله سجاد انور علي راجپوت ڊاڪٽر رحمت الله چنو امداد چنا ۽ ٻين جي ظلمن کان تنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: شهر ڪاهي راهو جا رهواسي راجپوت برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪي اين شاهه ۾ هفتي کان بجلي سپلاءِ بند، گرمي سبب شهري بيحال، احتجاج مظاهرو

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) ڪي اين شاهه ۾ هفتي کان بجلي سپلاءِ بند، گرمي سبب شهري بيحال، سياسي سماجي شهرين پاران ڌرڻو، "ڪي اين شاهه کي بجلي ڏيو" جي سخت نعريبازي، خبرموجب خيرپورناٿن شاهه ۾ گذريل هڪ هفتي دوران سکر کان هاءِ ٽرانسميشن جا پول ڪريل هجڻ ڪري بجلي سپلاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مورو قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ تيز رفتار ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر

حادثي ۾ هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو

دادواهه ۾ گهر ۾ راند ڪرڻ دوران امبرين ڏي ثمير سولنگي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي وئي

نوشهرو فيروز(ڊ ر) مورو قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ تيز رفتار ڪوچ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، هڪ ڄڻو سخت زخمي مورو اسپتال منتقل. سڃاڻپ نه ٿي، نوشهروفيروز : ڊ . ر مورو پرسان دادواهه ۾ گهر ۾ راند ڪرڻ دوران پنجن سالن جي امبرين ڏي ثمير سولنگي پنکي مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ ڪري موقعي تي فوت ٿي وئي جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽر پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر نظير احمد رند پاران سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اچانڪ دورو

نظير احمد رند نوشهرو فيروز جو اچانڪ دورو ڪري ايمرجنسي،دل جي وارڊ ۽ ليبر روم جو تفصيلي جائزو ورتو

سمورين اسپتالن جو دورو ڪري رهيا آهيون ته جيئن مريضن کي صحت جون سهولتون ڏيئي سگهجن: نظير احمد رند

ڊاڪٽرن توڙي ايمبولنسز سميت سمورو اسٽاف، ايمرجنسي دوائون ۽ ويڪسين ڏسي بيحد خوشي ٿي آهي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ)ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر نظير احمد رند DHO نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو جواچ سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اچانڪ دورو ڪري ايمرجنسي،دل جي وارڊ ۽ ليبر روم جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ اسٽاف جي حاضري چيڪ ڪرڻ سان گڏ مريضن کي ملندڙ سهولتن ۽ رڪارڊ جي چيڪنگ ڪئي جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر نظير احمد رند اسپتال جو دورو ڪندي

پنگريو پرسان ڳوٺ سليمان ڪوسو ۾ لنڊ برادري ۽ ڪوسا برادري ۾ جهيڙي جو ڪيس داخل

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پنگريو پرسان ڳوٺ سليمان ڪوسو ۾ گذريل سال ڊسمبر ۾ ٻرين جي تڪرار تان لنڊ برادري ۽ ڪوسا برادري وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو هوجنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ماڻهون لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيا هئا پنگريو پوليس سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي بنا ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جي ڪوسا برادري جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جهڏو ۾ پاڄي پٽڻ کان روڪڻ تان جوابدارن نوجوان کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

جهڏو لڳ ڳوٺ نواب دين جٽ ۾ ٽن جوابدارن مرتضي جٽ، مصطفي جٽ نوجوان تي حملو ڪيو

امجد جٽ نوجوان الهڏتو جٽ کي سندس گهر ٻاهران حملو ڪري زخمي ڪيو، جهڏو آر ايڇ سي منتقل

نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪري جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: الهڏتو جٽ

جهڏو(ممتاز جوڻيجو) جهڏو ۾ پاڄي پٽڻ کان روڪڻ تان جوابدارن نوجوان کي ڪهاڙيون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، زخمي نوجوان مرٽينگ حالت ۾ حيدرآباد ريفر. جهڏو لڳ ڳوٺ نواب دين جٽ ۾ ٽن جوابدارن مرتضي جٽ، مصطفي جٽ، امجد جٽ نوجوان الهڏتو جٽ کي سندس گهر ٻاهران حملو ڪري ڪهاڙيون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان کي فوري طور جهڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ شديد گرمي باوجود ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ

65 لک رپين جي لاڳت سان لڳايل واٽر فلٽر پلانٽ به مريضن جي ڏکيائين کي گهٽ نه ڪري سگهي

سول اسپتال دادو ۾ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي تعاون سان 65 لک رپين جي لاڳت سان اسڪيم لڳائي وئي

دوائون سميت ٻين سهولتن جي شديد کوٽ آهي ته اتي پيئڻ جي پاڻيءَ جي به سهولت ختم ڪئي وئي آهي:شهري

دادو(عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ شديد گرمي باوجود ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ لڳل پاڻي جون ٽانڪيون غيرفعال بڻيل ڊبليو ايڇ او جي تعاون سان 65 لک رپين جي لاڳت سان لڳايل واٽر فلٽر پلانٽ به مريضن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

World Health Organization
INAUGURATION OF
WATER FILTRATION PLANT
Civil Hospital, Dadu
Department of Health, Government of Sindh

دادو: شديد گرمي باوجود ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ

نجي ٽي وي جي رپورٽر قاضي شمس ٻانيڻ جو وڏو ڀاءُ قاضي محمد خان لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي ، نجي ٽي وي جي رپورٽر قاضي شمس ٻانيڻ جو وڏو ڀاءُ قاضي محمد خان ٻانيڻ 55 ورهين جي ڄمار ۾ ڪجهه عرصو علالت ۾ رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو . مرحوم کي ٽنڊو غلام حيدر جي مريالڳ ابائي ڳوٺ قاضي احمد ٻانيڻ ۾ آلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

صحافي طارق ميراڻي تي حملو صحافت تي وار آهي، جاچ ڪرائي وڃي: ساقي ابڙو

بيباڪ صحافي ۽ اخبار جو ايڊيٽر آهي حق سچ لکڻ سبب متس قاتلاڻو حملو ڪيو ويو

صحافين سان اها حالت آهي ته عام ماڻهن سان ڇا حشر هوندو- صحافتي تنظيمون چو خاموش آهن

سنڌ ۾ ناانصافيون ٿي رهيون آهي سنڌ جا صحافي وڏي عتاب هيٺ آهن ۽ بلڪل غير محفوظ بڻيل آهن

ٿٽون ديرو(شاد محمود پٺو) صحافي طارق ميراڻي تي حملو صحافت تي وار آهي، جوابدار فوري طور تي گرفتار ڪيا وڃن: ساقي ابڙو طارق ميراڻي لاڙڪاڻي جو بيباڪ صحافي ۽ اخبار جو ايڊيٽر آهي حق سچ لکڻ سبب متس قاتلاڻو حملو ڪيو ويو جوابدار بااثرهجڻ ڪري پوليس ڪين گرفتار نٿي ڪري، صحافين سان اها حالت آهي ته عام ماڻهن سان ڇا حشر هوندو طارق ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڌڙو ٿاڻي جي حد ۾ ڄام صاحب واسي 10 ورهين جي پورهيت نينگر سان بدفعلي

پورهيت نينگر نظير ولد غلام شبير پلهه سان مبينا بدفعلي خلاف احتجاج ڪيو ويو

جوابدار زبردستي سم نالي تي وٺي وڃي زيادتي جو شڪار بڻائي نينگر کي رتورت ڪيو

ڪنڌڙو پوليس نينگر کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي تعلقہ اسپتال سنجهورو روانو ڪري ڇڏيو

ڪنڌڙو (رپورٽر) ڪنڌڙو ڄام صاحب واسي معصوم پورهيت سان ڪنڌڙو ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم جوابدار پاران زبردستي جنسي زيادتي رت سان ٻريل نينگر وارثن سميت ڪنڌڙو ٿاڻي تي پهتو ڪنڌڙو پوليس ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري سنجهورو روانو ڪري ڇڏيو پوليس پاران ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف زيادتي جو شڪار نينگر جي وارثن جو عورتن سميت ڪنڌڙو ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪنڌڙو: پورهيت نينگر نظير ولد غلام شبير پلهه سان مبينا بدفعلي خلاف وارث احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ عيد جي گذري وڃڻ باوجود بجلي جو ڊگهو بريڪ ڊائون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ عيد جي گذري وڃڻ باوجود بجلي جو ڊگهو بريڪ ڊائون ، گئس جي لوڊشيڊنگ عوام لاءِ آزار. ٽنڊو محمد خان ۾ عيد جي ٻهرين ڏينهن کان چوٿين ڏينهن تائين واپڊا جي عملدارن لوڊشيڊنگ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا . ٽنڊو محمد خان شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڊائلاسز سينٽر نوشهروفيروز جا انتظامي معاملا حوالي ٿيڻ کان پوءِ سول سرجن پاران دورو

سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڊائلاسز سينٽر جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ اسٽاف سان ملاقات ڪئي

ڊائلاسز ته بهتر نموني ٿي رهي آهي پر گرميءَ جي شدت جي ڪري اجان وڏيڪ ACلڳرائڻ گهرجن: سول سرجن

اٽينڊنٽ لاءِ بئنچون لڳرائي ويهڻ جو انتظام ڪيو جڏهن ته پاڻيءَ لاءِ فوري طور به واٽر ڪولر رکرايا ڇڏيا آهن: ڳالهيون

نوشهروفيروز (بن) ڊائلاسز سينٽر نوشهروفيروز جا سمورا انتظامي معاملا سول اسپتال نوشهروفيروز جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڊائلاسز سينٽر جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ اسٽاف توڙي مريضن کان سينٽر ۾ ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو، جنهن تي مريضن جو چوڻ هو ته اسانجي ڊائلاسز ته بهتر نموني ٿي رهي آهي پر گرميءَ جي شدت جي ڪري اجان وڏيڪ ACلڳرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نوشهروفيروز جي مختلف ٿاڻن جي 75 پوليس اهلڪارن مهينن لاءِ بدلي

ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ضلعن ڏانهن 75 پوليس اهلڪار بدلي ڪيا ويا آهن

آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي نوشهروفيروز جي مشوري تي اهلڪارن کي بدلي ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي نوشهروفيروز جي حڪم تي ڪشمور ۽ ڪنڌڪوٽ ضلعن ۾ 75 پوليس اهلڪارن بدلي ڪيا ويا. نوشهروفيروز جي مختلف ٿاڻن جي 75 پوليس اهلڪارن جا ٽن مهينن لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڏهرڪي واسي هندو ناري پرچونڌي شريف ۾ اسلام قبول ڪري ڇڏيو

ناري پرچونڌي شريف ۾ مسلمان ٿي صادق آباد جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪيو

منهنجو والد منو ڀيل ۽ چاچو فروز ڀيل وارن تان ڪنهن به قسم جو رشتو ناهي رهيو:ناري

اوٻاوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) ڏهرڪي واسي هندو ناري پرچونڌي شريف ۾ اسلام قبول ڪري ڇڏيو جنهن جو نالو نورفاطمہ رکيو ويو آهي نورفاطمہ ميڊيا اڳيان داهيندي ٻڌايو ته مان پرچونڌي شريف ۾ مسلمان ٿي صادق آباد جي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوٻاوڙو: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪري رهيو آهي

نيو پنڌ پوليس جوا گهرن مٿان ڇاپو هڻي ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

سماجي برائين ۾ ملوث هئڻ جي انڪشاف تي نيو پنڌ ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪئي

گرفتار ٿيلن کان روڪ رقم موبائيل فون هٿ ڪري جوا جي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ورتو

سکر(رپورٽ ,امداد علي گل ڪلوڙ) نيو پنڌ پوليس جوا گهرن مٿان ڇاپو هڻي ٽن ڄڻن کي گرفتار ڪري مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اليڪشن ڪميشن پاران ووٽ جي داخلا، منتقلي ۽ درستگي لاءِ آخري تاريخ جو اعلان

ووٽ جي داخلا، منتقلي ۽ درستگي جي لاءِ آخري تاريخ 13 جولاءِ 2023 مقرر ڪئي وئي

شهري پنهنجو شناختي ڪارڊ نمبر 8300 تي ايس ايم ايس جي ذريعي چيڪ ڪن: عملدار

سکر(رپورٽ ,امداد علي گل ڪلوڙ) ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب عوام کي آگاهه ڪجي ٿو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان طرفان ووٽ جي داخلا، منتقلي ۽ درستگي جي لاءِ آخري تاريخ 13 جولاءِ 2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين احسان جوکيو پاران شهر جي مختلف علائقن جو دورو

گهارو جي چيئرمين ڄام احسان جوکيو جو مختلف وارڊن جو دورو ڪيو ۽ صفائي جو جائزو ورتو

خليفا محلا، حيدري محلا، نيازي ڪالوني، حاجي خان چانديو محلاءِ ٻين محلن جو دورو ڪيو

گهارو (بشام جوکيو) ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين ڄام احسان جوکيو جو صفائي سٿرائي جي حوالي سان شهر جي مختلف علائقن جو دورو تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گهارو: ٽائون ڪميٽي چيئرمين احسان جوکيو شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪندي

ڪنڌڪوٽ ڪائونسل جو پهرين اجلاس، ميمبرن پاران اهم معاملن تي ڳالهيون

اجلاس ضلعي مير گل محمد جکراڻي مير الطاف احمد خان ڪوسو جي صدارت هيٺ ٿيو

پارٽي قيادت جو ٿورائتو آهيان جنهن مون ورڪر مٿان اعتماد ڪري ذميواري ڏني: گل محمد جکراڻي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ:عبدالنبي ملڪ) ضلع ڪائونسل جو پهرين اجلاس ضلعي چيئرمن مير گل محمد جکراڻي مير الطاف احمد خان ڪوسو جي صدارت هيٺ ٿيوجنهن ۾ ضلعي ۽ ضلع ڪائونسل جي ميمبرن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 4 ڪنڀار محلہ جي رهواسڻ نوجوان ناري پاران احتجاج

ناري سنبل گهران نڪرڻ ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 9 جي رهواسي جاويد علي سان شادي ڪئي

اسان ٻئي هڪ ٻئي کي پسند ڪندا آهيون ۽ گهران نڪري پسند جي شادي ڪئي آهي: ناري سنبل

ٽنڊوباگو (سهيل سمون) ٽنڊوباگو شهر جي وارڊ نمبر 4 ڪنڀار محلہ جي رهواسڻ نوجوان ناري سنبل گهران نڪرڻ ٽنڊوباگو جي وارڊ نمبر 9 جي رهواسي جاويد علي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو پريمي جوڙي سوشل ميڊيا ۽ صحافين اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ سراج احمد وسير سان ڀيڻ جي لاڏاڻي تي ساڃاهه وندن پاران تعزيت

ويرم خان مهر ۽ ٻين ڀيڻ جي لاڏاڻي وسير پاڙي ۾ پهچي سراج احمد سان تعزيت ڪئي

عبدالسميع پيرزادو چيئرمين يوسي 11 مکي شاهه، ايوب پيرزادو، عمران علي پيرزادو شريڪ ٿيا

سکر(رپورٽ ,امداد علي گل ڪلوڙ) مرحوم حاجي انور خان مهر جي پٽ ويرم خان مهر وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل سکر مير اختر خان مهر نثار احمد وسير، سراج احمد وسير سان انهن جي ڀيڻ جي لاڏاڻي وسير پاڙي سکر ۾ پهچي ڪري انهن سان تعزيت ڪئي. جڏهن ته فضل دراني سان ان جي ڀيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ۽ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومين کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سوڳوارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ۾ شهرين کان ڦر ۽ چوري ٿيل موبائل فون نه مليا، انچارج تي رشوت جو الزام

آفيس ۾ قائم ڊجيٽل انويسٽيگيشن سيل جو انچارج مبينا طور رشوت نه ملڻ بعد خاموس

شهرين کان ڦر ۽ چوري ٿيل موبائل فون سيٽن مان هڪ واردات جا جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ شهرين کان ڦر ۽ چوري ٿيل موبائل فون نه مليا ايس ايس پي آفيس جي انچارج تي رشوت جو الزام سوين درخواستون رولڙي جو شڪار تفصيل موجب بدين ضلعي جي 15 ئي ٿاڻن جي حد مان شهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ مذهبي جماعتن جو اجلاس، توهين رسالت ۽ قرآن جي بي حرمتي خلاف احتجاج

بدين جي جامع مسجد سعيد بن ابن وقاص ۾ مذهبي جماعتن جو اجلاس منعقد ڪيو ويو

پليٽ فارمن تي توهين رسالت قرآن شريف جي توهين جواڻ ڪٽ سلسلو شروع ٿي ويو آهي:اڳواڻ

بدين(مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ مذهبي جماعتن جو اجلاس توهين رسالت ۽ قرآن جي بي حرمتي ڪندڙ جوابدارن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو 12 جولائي تي احتجاج جو اعلان تفصيل موجب بدين جي جامع مسجد سعيد بن ابن وقاص ۾ مذهبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خانپور مهر لڳ اوچتو باهه لڳڻ سبب پورهيت جو گهر سڙي رک ٿي ويو

هڪ سال معصوم ٻارڙي به سڙي زخمي، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن

باهه لڳڻ ڪري گهر ۾ پيل اناج، هنڌ بسترا ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو

خانپورمهر (رپورٽ ,:آفتاب سيال) خانپورمهر لڳ اوچتو باهه لڳڻ سبب پورهيت جو گهر سڙي رک ٿي ويو، هڪ سال معصوم ٻارڙي به سڙي زخمي، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل. واهر جي اپيل. خبر موجب خانپورمهر لڳ ڳوٺ سونو پتافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خانپورمهر: اوچتو باهه لڳڻ سبب پورهيت جو سڙي ويل گهر نظر ايندي، ٻئي طرف زخمي ٻارڙي

نيشنل اعتماد بئنڪ برانچ لاڙڪاڻو باقراڻي روڊ انتظاميا تي فراڊ جو انڪشاف

لاڙڪاڻي جي الله آباد محلا جي رهواسي وقار احمد منگي ميڊيا آفيس آڏو مظاهرو ڪيو

مون نيشنل اعتماد بئنڪ لاڙڪاڻو باقراڻي روڊ برانچ ۾ 80 لک روپيا جمع ڪرايا هئا: وقار احمد

مون وٽ بئنڪ ۾ 80 لک روپيا جمع ڪرائڻ جا ثبوت به موجود آهن، معاملي جي جاچ ڪرائي وڃي

ٿٽون ديرو (شاد محمود پٺو) نيشنل اعتماد بئنڪ برانچ لاڙڪاڻو باقراڻي روڊ انتظاميہ 8 ڪروڙ روپين جو فراڊ ڪيو آهي. اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي انصاف ڏيارين. لاڙڪاڻي جي الله آباد محلا جي رهواسي وقار احمد منگي ميڊيا آفيس ٿٽونديرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٿٽون ديرو: لاڙڪاڻي جي الله آباد محلا جا رهواسي ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي

دادو قلعجي لنڪ روڊ تي واقع ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو جي پيٽرول پمپ وٽان ڦر

دادو(ن سنڌيار) دادو قلعجي لنڪ روڊ تي واقع هڪ ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو جي پيٽرول پمپ وٽ ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه جي رهواسي 20 سالا نوجوان عامر ولد عبدالرحيم پنهور کان موٽر سائيڪل ڦر ٽن اڻڄاتل هٿيار بندن موٽر سائيڪل فون سيٽ روڪ 8 هزار روپيہ ڪپڙا چپپل ٻيو سامان ڦري نوجوان کي زخمي ڪري فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

متياڻي ويجهو ڳوٺ علي اڪبر ملاح ۾ سڱاوتي تڪرار تان ملاح جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

جهيڙي جي نتيجي ۾ ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب نوجوان عرفان پٽ محمود ملاح زخمي ٿي پيو

اسان جو پلاٽ جي معاملي تان تڪرار هلندڙ آهي ۽ گولي اظهر پٽ مٺل ملاح هنئي آهي: متاثرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) متياڻي ويجهو ڳوٺ علي اڪبر ملاح ۾ سڱاوتي تڪرار تان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب نوجوان عرفان پٽ محمود ملاح زخمي ٿي پيو آهي جنهن کي نوشهروفيروز اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي-زخمي نوجوان جو چوڻ آهي ته اسان جو پلاٽ جي معاملي تان تڪرار هلندڙ آهي ۽ گولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بلوچستان ۾ گشت دوران دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل ميجر جي جنازي نماز ادا

شهيد سانگهڙ واسي ميجر ثاقب حسين باجوه، جي جنازي نماز پوليس لائين ۾ ادا ڪئي وئي

فوج جي جوانن آفيسرن شهرين رينجرز آفيسرن پوليس آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهيد ميجر ثاقب حسين باوجواه جي پنج مهينا اڳ شادي ٿي هئي، وارثن سان تعزيت هلندڙ

سانگهڙ (رپورٽ:نادر بزدي) سانگهڙ بلوچستان واري علائقي ۾ گشت دوران دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿي ويل سانگهڙ واسي ميجر ثاقب حسين باجوه، جي جنازي نماز پوليس لائين شهيد لال خان غوري گرائونڊ ۾ فوجي اعزاز سان ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي شخصيتن سول سوسائيٽي فوج جي جوانن آفيسرن شهرين رينجرز آفيسرن پوليس آفيسرن وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ: دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل ميجر ثاقب حسين باجواه جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوباگو ايس ايڇ او محمد انور لغاري جي ڪارروائي، چوري جي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪجهه ڏينهن پهريان ٽنڊوباگو ۾ ڪڪڙن جي واپاري نديم قريشي جي گهر مان چوري ٿيل سونا زيور ۽ روڪ رقم ٽنڊو باگو پوليس مڪمل هٿ ڪري ورتا 3معلوم ۽ ٻه نامعلوم مٿان ڪيس داخل جوابدار لاڪ اپ حوالي ٽنڊو باگو پوليس سمورو سامان ۽ روڪ رقم جوابدارن سميت ميڊيا آڏو پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ محمد ملوڪ گرگيز ۾ نئون ڪوٽ پوليس جي چڙهائي، ڦرلٽ خلاف احتجاج

پوليس گهر ۾ پيل 4تولا سونا زيور 3 لک روڪ رقم سڃاڻپ ڪارڊ هڪ موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦرلٽ ڪيو

آئون هڪ شريف شهري آهيان 22 ميل موري تي منهنجو گڊس ٽرانسپورٽ جو اڏو آهي: محمد حنيف عالم خان

پوليس پاران کنيل رقم سونا زيور موٽر سائيڪل رپيٽر ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ محمد ملوڪ گرگيز ۾ نئون ڪوٽ پوليس جي بلاجواز چڙهائي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي گهر ۾ پيل 4تولا سونا زيور 3 لک روڪ رقم سڃاڻپ ڪارڊ هڪ موبائيل فون ڪاغذن وارو موٽر سائيڪل لائسنس وارو رپيٽر سميت ٻيو قيمتي سامان ٻهاري ويا گهر ڌڻي محمد حنيف عالم خان صحافين اڳيان احتجاج ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

راڻيپور جي وارڊ نمبر هڪ جي رهواسين جو وارڊ نمبر هڪ ۾ ڊرينيج سسٽم ناڪاره

ڪائونسلر فياض حسين عباسي جي اڳواڻي ۾ ڪير بازار کان باب دستگير گيٽ تائين ريلي

ٽائون ۾ ڀنگين جي جاءِ تي سفيد پوش ماڻهو ڀرتي ڪيا ويا، وارڊن صفائي نه ٿي ڪئي وڃي: اڳواڻ

گندگي جي آزار مان جان ڇٽي وڃي احتجاجي ريلي ۾ وڏي انگ ۾ وارڊ نمبر هڪ جي عوام شرڪت ڪئي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور جي وارڊ نمبر هڪ جي رهواسين جو وارڊ نمبر هڪ ۾ ڊرينيج سسٽم ناڪاره هجڻ ، صفائي نه ٿيڻ خلاف پي ٽي آءِ ڪائونسلر فياض حسين عباسي جي اڳواڻي ۾ ڪير بازار کان باب دستگير گيٽ تائين احتجاجي ريلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

راڻيپور: وارڊ نمبر هڪ جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

فاران شوگر ملز شيخ پرڪيو انتظاميہ پاران مقامي ملازمن سان ڪلور جاري

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) فاران شوگر ملز شيخ پرڪيو انتظاميہ پاران مقامي ملازمن سان ڪلور جاري آهن. فاران شوگر ملز شيخ پرڪيو انتظاميہ پاران 400 کان وڌيڪ مقامي ماڻهن کي مختلف بهانا ڇاڻائي برطرف ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. سالن کان مل ۾ نوڪري ڪندڙ ملازم اچانڪ برطرفي سبب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪينجهر ونڊ ڪناري ڳوٺ عبدالله گندرو جي رهواسي ڪانسٽيبل جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

ڪانسٽيبل امجد ولد رٻڏنو گندرو ڊيوٽي دوران رات جي وقت بيدردي سان قتل ٿي ويو هو

شهيد امجد ولد رٻڏنو گندرو جا وارث سموري سرڪاري مراعتن کان به محروم بڻيل آهن

شهيد قرار ڏيئي کين سمورين مراعتون ڏنيون وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: وارث

ٺٽو(ڊ ر) 6 مهينا اڳ جيلاني هائوس مڪلي تي ڪينجهر ونڊ ڪناري ڳوٺ عبدالله گندرو جو رهواسي ڪانسٽيبل امجد ولد رٻڏنو گندرو ڊيوٽي دوران رات جي وقت بيدردي سان قتل ٿي ويو هو، جنهن جا قاتل مڪلي پوليس 6 مهينا گذرڻ باوجود گرفتار ڪري ناهي سگهي ۽ نه ئي ڪيس شهيد قرار ڏنو ويو آهي. جنهن ڪري شهيد جا وارث سموري سرڪاري مراعتن کان به محروم بڻيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

غوثپور شهر جي مکي پاڙي جي رهواسن جو ميراڻي برادري جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

رهواسين پاران بدلو ميراڻي، منير ميراڻي پنهنجي ٻيرسن امڙ سان ڪري احتجاج رڪارڊ مظاهرو ڪيو

بااثرن اسانجي گهر ۾ گهڙي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن تي وحشياڻو تشدد ڪيو آهي: مظاهرين جون ڏانهون

نوٽيس وٺي حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر جي مکي پاڙي جي رهواسن جو ميراڻي برادري جي مبينا زيادتين خلاف بدلو ميراڻي، منير ميراڻي پنهنجي ٻيرسن امڙ سان ڪري احتجاج رڪارڊ مظاهرو ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ويئي ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا اڳيان داتهيندي چيو ته عرفان ميراڻي علي مراد آدم ميراڻي پنهجا ڏندا بردار ماڻهوسان ڪري اسانجي گهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



غوثپور: شهر جي مکي پاڙي جا رهوسي ميراڻي برادري جي ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

دادو ۾ 132 ڪي وي گريڊ اسٽيشن جي ايس ڊي او پاران مظاهرين سان بدتميزي

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ 132ڪي وي گريڊ اسٽيشن جي ايس ڊي او نظير پنهورمظاهرو ڪندڙ عورتن سان بدڪلامي ڪئي بجلي جي 132 ڪي وي تي خدمت خلق آرگنائيزيشن دادو پاران بجلي جي لوڊشيڊنگ جي شيڊول کان علاوه فيڊرن کي بند ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو مظاهرو ڪندڙ عورتن سان ايس ڊي او نظير پنهور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

”ملڪ ۾ پاڻي جي کوٽ جو ڪو به مسئلو ناهي“: خورشيد احمد شاهه جي دعويٰ

اميد آهي ته ربيع جي موسم ۾ به پاڻي کوٽ جو ڪو مسئلو نه هوندو، عوام سان گڏ آهيون

ڪيترن ئي سالن کانپوءِ تربيلا ڊيم جي ليول 12.6 فوٽ وڌي وئي آهي، تربيلا ڊيم جا اسپل ويز کوليا ويا

موجوده حڪومت جو آئيني مدو ضرور پورو ڪندي ٻارهن يا تيرهن آگسٽ تائين نگران سيٽ اپ اچي ويندو

سکر(رپورٽ ,امداد علي گل ڪلوڙ) آبي وسيلن واري وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته ملڪ ۾ پاڻي جي کوٽ جو ڪو به مسئلو ناهي ۽ اميد آهي ته ربيع جي موسم ۾ به پاڻي کوٽ جو ڪو مسئلو نه هوندو سکر بئراج تي آبپاشي عملدارن کان بريفنگ وٺڻ ۽ بلوچستان جي وفد سان ملاقات ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيوخورشيد شاهه وڌيڪ چيو ته ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

✻✻✻ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي✻✻✻ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 04 جولاءِ 2023ع

افغان پناهگيرن وارو معاملو ۽ سنڌ حڪومت جي لاتعلقي

توڙي جو پاڪستان ۾ افغان پناهگيرن جي رهائش وارو مدو گذريل مهيني جي آخري ڏينهن (30 جون) تي ختم ٿي چڪو آهي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان وفاقي ڪابينا جي اڄوڪي اجلاس ۾ جنهن ايجنڊا تي غور ٿيڻو آهي، ان ۾ افغانين وارو معاملو به شامل آهي پر وفاقي حڪومت انهن مان هٿ ڪڍڻ ۽ کين پنهنجي ملڪ موڪلڻ لاءِ تيار نٿي ڏسجي. گهرو وزارت پاران انهن جي مدي ۾ 6 مهينن جي واڌ جي تجويز ڏيڻ جون خبرون رپورٽ ٿيون آهن.

ڪنهن به ملڪ ۾ پناهگيرن جي رهڻ جا اصول ۽ قاعده طئه ٿيل هوندا آهن. جيڪي ميزبان ملڪ ۾ نه ملڪيت خريد ڪري سگهندا آهن. انهن کي ورڪ پرمٽ جاري ٿيندي آهي، انهن جي چرپر محدود هوندي آهي، انهن جي رجسٽريشن ٿيندي آهي پر افغاني ڪهڙا پناهگير آهن. جيڪي هتي مستقل مهمان بڻيل آهن. نه اهي پاڻ پنهنجي وطن وڃڻ ٿا چاهين ۽ نه ئي وري پاڪستاني حڪومت انهن مان هٿ ڪڍڻ جي لاءِ تيار آهي. هر ڀيري انهن جي هتي رهائش واري مدي ۾ بنا ڪنهن سبب ۽ جواز جي واڌ ڪئي ويندي آهي. اهو ڄاڻڻ جي باوجود ته اهي لکين افغان پناهگير ملڪي وسيلن تي بار آهن. ڏوهن ۾ به انهن جي ملوث هجڻ جون شاهديون ملي چڪيون آهن. دراصل حڪومت لاءِ اهي پناهگير هڪ ڪشڪول وانگر آهن ۽ حڪومت انهن مان هٿ ڪڍڻ نٿي چاهي. اهي ويا ته گڏيل قومن جي اداري طرفان پناهگيرن جي لاءِ ملندڙ فنڊ بند ٿي ويندو. اها عالم آشڪار ڳالهه آهي ته افغان پناهگيرن جو گهڻو ٿڪو بار سنڌ تي آهي. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ انهن غير قانوني ڪچيون وسنديون ٺاهي شهر جي ڊيموگرافي ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي. انهن مان گهڻن پناهگيرن سِڪ رائج الوقت جي ڪرامتن سان پنهنجي شهريت جا دستاويز/ڪمپيوٽرائزڊ قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ورتا آهن. ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن. ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيا آهن. جنهن سان مقامي آباديءَ جو تناسب ۽ توازن تبديل ٿي رهيو آهي. وسيلن تي مسلسل بار وڌي رهيو آهي. اڄ وزيراعظم ۽ ان جا رتن (يقينن انهن جو تعداد هندستان جي وسيع سلطنت جو انتظام هلائيندڙ مغل بادشاهه اڪبر جي 9 رتنن کان گهڻو آهي) جنهن 9 نقاطي ايجنڊا تي ويچاريندا، ان ۾ افغان پناهگيرن وارو معاملو به شامل آهي. اهي به خبرون آهن ته گهرو وزارت افغان پناهگيرن جي رهائش واري مدي ۾ 6 مهينن جي واڌ جي تجويز ڏني آهي، نه ته هن کان اڳ ۾ ان ئي وفاقي وزارت غير رجسٽرڊ افغان پناهگيرن کي فارين ايڪٽ تحت گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي ۽ واضح ڪيو هو ته گرفتار ڪندڙ پوليس افغان پناهگيرن کي پاڻ سرحد تي وٺي وڃي ٻي دخل ڪندي. سوال اهو آهي ته آخر ان فيصلي تان 'يو- ٽرن' وٺي انهن پناهگيرن جي 6 مهينا وڌيڪ رهائش جي گنجائش ڪهڙي ثواب خاطر ڪڍي وئي آهي؟ انهن 6 مهينن دوران (عام چونڊون به ان ئي عرصي ۾ ٿيڻيون آهن) افغان پناهگيرن کان ڪهڙو ڪم ورتو ويندو؟ هن وقت 7 لکن کان به وڌيڪ افغاني 'گم' ٿي ويا آهن. آخر اهي ڪيڏانهن ويا؟ هيءَ گم ٿيل اهائي خلق آهي، جنهن جي ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو خدشو آهي. اسان سمجهون ٿا ته افغان پناهگيرن کي ڏيهه نيڪالي نه ڏني وئي ته ملڪ جون بدخواهه قوتون ان خلق کي استعمال ڪري ڪا وڏي رتوڇاڻ به ڪرائي سگهن ٿيون.

ڪنهن به ملڪ جا ماڻهو ڪنهن قدرتي آفت، گهرو ويڙهه، ٻاهرئين حملي جي تباهيءَ سبب ٻين ملڪن ۾ عارضي طرح پناهه وٺندا آهن. جڏهن سندن ملڪ ۾ حالتون بهتر ٿينديون آهن ته اهي واپس هليا ويندا آهن يا کين واپس موڪليو ويندو آهي. پر هتي پاڪستان ڪئين ڏهاڪن کان انهن جي مهمانداريءَ جا فرض ادا پيو ڪري. افغان پناهگيرن جو گهڻو ٿڪو بار سنڌ تي آهي. سنڌ حڪومت کي به ان ڳالهه جي گهڻي ڳڻتي هجڻ گهرجي پر اسان وارا 'بادشاهه' ان سڄي معاملي کان لاتعلق بڻيل آهن. هن وقت سنڌ جي حڪمران جماعت وفاقي حڪومت ۾ به ڀائيوار آهي. ڇا اها وفاقي حڪومت تي افغان پناهگيرن کي واپس سندن ملڪ موڪلڻ لاءِ دٻاءُ نٿي وجهي سگهي؟ هونئن ته ٻين معاملن تي وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جو الٽيميٽم ڏنو وڃي ٿو پر ڇا هن انتهائي اهم معاملي تي به سنڌ جي حڪمران جماعت سخت موقف اختيار ڪندي؟

محرم راز .... "اصل مقتدره" جي سوچ ۾ تبديليءَ جو تاثر

شاهد جتوئي

09 مئي 2023ع جي واقعن ڪانپوءِ پاڪستاني فوج جي سوچ ۾ تبديلي اچي چڪي آهي. ڇو ته 09 مئي جو واقعو تمام گهڻو غير معمولي هو. جنهن فوج کي صفا لوڏي ڇڏيو. اهو عام تاثر آهي. جيڪو مختلف حلقن طرفان پکيڙيو پيو وڃي. ان تاثر کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ اهي حلقا ڊي جي آءِ ايس پي آر ميجر جنرل احمد شريف جي 25 جون 2023ع واري ان ڌماڪا خيز ڪانفرنس جو حوالو ڏين ٿا. جنهن ۾ اعلان ڪيو ويو ته، 09 مئي جي واقعن ڪانپوءِ "خود احتسابي جي عمل" جي ذريعي فوج پنهنجي ليفٽيننٽ جنرل سميت ٽن اعليٰ فوجي آفيسرن کي نوڪرين مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ باقي ماڻهن جي خلاف به ڪارروائي ٿي رهي آهي. ڇا پاڪستان جي عوام کي خوشفهمي سان اهو تسليم ڪري وٺڻ گهرجي ته اهو تاثر واقعي درست آهي؟

پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون ڀيرو ايئن نه پيو ٿئي ته اهڙو تاثر پيدا ڪيو ويو هجي ته فوج جي سوچ ۾ تبديلي اچي وئي آهي ۽ اها هاڻي پاڪستان جي سياست ۾ مداخلت نه ڪندي پر هر ڀيري ٿوري وقت ڪانپوءِ اهو تاثر غلط ثابت ٿيو آهي. هاڻي به اها ڳالهه وقت جي ڪسوٽي تي پرکي رهندي. موجوده گهڙين ۾ حتمي سچ اهو آهي ته پاڪستان جي سمورن رياستي ۽ سياسي معاملن کي فوج ڪنٽرول ڪندي آهي ۽ پاڪستان جي حقيقي اسٽيبلشمينٽ يعني اصل مقتدره فوج ئي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪنهن به رياست جي مقتدره پنهنجون اهي پاليسيون تبديل ناهي ڪندي. جن جي ڪري ان کي رياست جي سمورن معاملن تي مڪمل ڪنٽرول حاصل هوندو آهي. پاڪستان ته هڪ ننڍڙو ملڪ آهي. آمريڪا ان جي مقابلي ۾ هڪ وڏو ملڪ آهي. ان جي تاريخ به گهڻي پراڻي آهي. ان ملڪ جي رياستي اسٽيبلشمينٽ تاريخ ۾ تمام وڏا لاها چاڙها ڏٺا آهن. ان ڪيترين ئي جنگين ۽ بغاوتن کي منهن ڏنو آهي پر آمريڪي اسٽيبلشمينٽ صدين کان پنهنجون پاليسيون تبديل ناهن ڪيون. ويٽنام ۾ ان جا 90 هزار فوجي دفن آهن. اها به ڳالهه آهي ته اتي آمريڪا لکين ويٽنامين جو قتل پڻ ڪيو. اهڙي ريت عراق، افغانستان ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ آمريڪا رتو ڇاڻ ڪئي پر هزارين آمريڪي فوجين جا تابوت به آمريڪا پهتا. جنگين آمريڪي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ دنيا جو واحد سپر پاور هجڻ باوجود ان کي هر وقت ڊيفالٽ جو خطرو رهندو آهي. ان جي باوجود آمريڪي اسٽيبلشمينٽ پنهنجي اينگلو سيڪسن (Anglo_Sexon)نسل وارين جنگجوئي خاصيتن نه ته تبديل ڪيون ۽ نه ئي تاريخ مان سبق حاصل ڪيو آهي. ڪو وڏو انقلاب ئي صدين کان حاوي آمريڪي اسٽيبلشمينٽ جو خاتمو ڪري ڪا نئين اسٽيبلشمينٽ آڻي سگهي ٿو.

سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته ڪنهن به رياست جي اسٽيبلشمينٽ پاليسيون پاڻ ناهي طئه ڪندي. بلڪ اهي پاليسيون اهي تاريخ عوامل طئه ڪندا آهن. جيڪي ان اسٽيبلشمينٽ جي صورتگري ڪن ٿا. آمريڪي رياستي اسٽيبلشمينٽ جون پنهنجون تاريخي خصوصيتون آهن. پاڪستان ڪان ڌار ٿيندڙ بنگلاديش جي جيڪا اسٽيبلشمينٽ ٺهي آهي، ان جون پنهنجون تاريخي خصوصيتون آهن. ڀارت، ايران، افغانستان، روس، چين، سيني ملڪن جون اسٽيبلشمينٽ آهن. انهن جون ڌار ڌار تاريخي خصوصيتون آهن. پاڪستان دراصل سنڌو ماٿري آهي. مانسرور ڍنڍ مان نڪرندڙ سنڌو درياهه ڪيٽي بندر تائين تاريخ ۾ علائقائي وحدت جي زنجير ناهي ٿو. پاڪستان جي رياستي مقتدره جي بنيادي خاصيت اها آهي ته ان مذهب جي نالي تي هن ملڪ تي قبضو ڪيو. اردوءَ جي برک دانشور محمد علي صديقي مرحوم هڪ ڀيرو لکيو هو ته مذهب جو ويس ڍڪيندڙ هر شخص غير ملڪي تهذيب جو نمائندو هوندو آهي. ان حقيقت کي سامهون رکندي پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ جي بنيادي خاصيتن کي سمجهي سگهجي ٿو. ان اسٽيبلشمينٽ پنهنجي وجود کي هن مٽيءَ ۾ تلاش ناهي ڪيو. نه ئي هتي جي ماڻهن جي وجود ۽ سوچ کي تسليم ڪيو. ان پنهنجا بنياد ٻاهران تلاش ڪيا آهن. پاڪستان جي دفاع لاءِ ٺاهيل هٿيارن تي ان حملي آورن جا نالا رکيا ويا. جن سنڌو ماٿريءَ ۾ اچي ماضيءَ ۾ بي رحمانئي قرلت ڪئي ۽ لاشن جا انبار لڳائي ڇڏيا. 09 مئي جو واقعو ڪيترو ئي غير معمولي ڇو نه هجي. اهو پاڪستاني مقتدره جي سوچ ۾ اهڙي ريت تبديلي نٿو آڻي سگهي. جهڙي ريت اسين توقع ڪري رهيا آهيون.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته 09 مئي جو واقعو ڇا آهي ۽ ان ۾ ڪهڙي غير معمولي ڳالهه آهي. جيڪا ڀهرين ڪڏهن نه ٿي هئي؟ تمام گهڻيون ڳالهيون سامهون اچي چڪيون آهن. جيڪي ان واقعي کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿيون. 09 مئي 2023ع تي جيڪو ڪجهه ٿيو ان کي سادن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان جي حق ۾ فوج اندر بغاوت ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ان ڪوشش جي منصوبابندي گهڻو اڳ ڪئي وئي ۽ امڪاني بغاوت جون خبرون به 09 مئي کان اڳ ۾ منظر عام تي آنديون ويون. ان منصوبابندي جو اندازو ان وقت لڳائي وڃڻ گهرجي ها. جڏهن رٽائرڊ فوجي آفيسرن جي تنظيم "ايڪس سروس مين سوسائٽي" عمران خان لاءِ کلي ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ تحريڪ عدم اعتماد جي ذريعي عمران خان جي حڪومت وڃڻ تي زبردست احتجاج ڪيو. اهي عمران خان کي پاڪستان جو نجات ڏياريندڙ ۽ ان جي سياسي مخالفن کي چور، ڌاڙيل ۽ ملڪ دشمن قرار ڏين ٿا. عمران خان جي جنوني حامين ۾ رٽائرڊ ۽ حاضر سروس فوجي آفيسرن جا ڪٽنب ۽ اولاد شامل هو. جيڪي هميشه پاڪستان جي حقيقي جمهوري ڌارا کان ڌار رهيا هئا ۽ جمهوريت کي ملڪ لاءِ خطرناڪ سمجهندا هئا. جڏهن جنرل قمر جاويد باجوه آرمي چيف هو ته ان "ايڪس سروس مين سوسائٽي" جي اعليٰ عهديدارن سان ملاقات ڪئي ۽ کين سمجهايو ته عمران خان کي هيرو پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ ٺاهيو آهي. وڏي پروپيگنڊا ڪانپوءِ هو هيرو بڻيو آهي. حقيقت اها آهي ته عمران خان نه ته پاڪستان جون نجات ڏياريندڙ آهي ۽ نه ئي هو ايماندار شخص آهي. هو هڪ نا اهل ۽ ڪرپٽ آهي ۽ هن کي آئيندڙ ٻاهرين طاقتن جي ارادن جي به خبر پئجي وئي آهي پر "سوسائٽي" جي ماڻهن جو ذهن تبديل نه ٿيو. اهڙي ريت اسٽيبلشمينٽ جي پنهنجي پروپيگنڊا جو شڪار رٽائرڊ ۽ حاضر سروس فوجي، انهن جا ڪٽنب ۽ اولاد عمران خان جي حمايت ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا ۽ انهن پاڪستان ۾ هڪ "بهتر نظام" آڻڻ لاءِ اهڙي بغاوت جي ڪوشش ڪئي. جهڙي طرح 1995ع ۾ برگيڊيئر مستنصر بالله پاڪستان ۾ اسلامي نظام آڻڻ لاءِ بغاوت جي ڪوشش ڪئي هئي. برگيڊيئر مستنصر بالله به ان وقت پروپيگنڊا جو شڪار ٿيو هو ته پاڪستان ۾ جمهوريت بدران ڪنهن امير المومنين جي ذريعي اسلامي نظام لاڳو ڪيو وڃي. 09 مئي 1923ع جي منصوبابندي اها هئي ته ماڻهن کان فوجي تنصيبات تي حملا ڪرايا وڃن ته جيئن فوج ۾ عمران خان جي حامي حلقن کي بغاوت جو جواز ملي سگهي ۽ اهي اهو چئي سگهن ته پاڪستان جو عوام عمران خان کي مطلق العنان حڪمران بنائڻ چاهين ٿا ۽ عوام جي ان مرضي جي خلاف جيڪو به هوندو، ان کي چٽيو ويندو. اهو دراصل اسٽيبلشمينٽ جي اندران انهن حلقن جي بغاوت هئي، جيڪي اسٽيبلشمينٽ جي ڪوڙي پروپيگنڊا جو شڪار ٿيا. توڙي جو انهن کي خبر هئي ته اسلامي نظام يا نجات ڏياريندڙ آڻڻ جي پروپيگنڊا صرف معاملن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي هئي، جيڪي ان پروپيگنڊا سان ذهني مريض بڻيا، اهي اسٽيبلشمينٽ جي ان حڪمت عملي جا دشمن آهن، جنهن تحت رياستي ۽ سياسي معاملن تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪرڻو آهي. عمران خان جي پنڀرائي جاري رهي ها ته اهو ڪنٽرول حقيقت ۾ ختم ٿي وڃي ها. فوج "خود احتسابي جي عمل" سان نه صرف ان پاگل پڻي جو علاج ڪري ڇڏيو آهي پر معاملن تي وڌيڪ ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي. منصوبابندي جي ماسٽر مائينڊ عمران خان سان سختي ڪرڻي آهي يا نرمي، ان جو فيصلو ڪوڙي پروپيگنڊا جو شڪار جنوني نه ڪندا. جيڪي ڪجهه قوتن جي هٿان استعمال ٿيا پر هوش وارا پنهنجين ضرورتن مطابق ڪندا.

سا سِٽَ ساريائون. اَلف جنهن جي اَڳَ ۾؛
"لاَ مَقصُودَ فِي الدّارَين" اِن پَرِ اُتائون؛
سَگهُرَ سُونائُون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

ڇا چونڊون مقرر وقت تي ٿي سگهنديون؟

محمد بخش لوهاراڻي

موجوده قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي مدي بابت جيڪڏهن اليڪشن وارو ڏينهن ڳڻجي ته اڄ کان پنج سال اڳ 25 جولاءِ تي اليڪشن ٿي هئي ۽ 12 آگسٽ تي وري اسيمبليءَ حلف کنيو هو ان حساب سان آئيني طور تي 12 آگسٽ تي اسيمبليون پاڻ مرادو ٽٽي وينديون، جنهن کان پوءِ آئيني طور تي قومي اسيمبلي ۾ موجود ليڊر آف هائوس ۽ اپوزيشن ليڊر پاڻ ۾ ملي ڪري اتفاق راءِ سان ڪيئر ٽيڪر حڪومت ٺاهيندا ۽ نگران وزيراعظم مقرر ڪندا پر ان سموري آئيني عمل ۾ باقي ڪجهه ڏينهن ٿي بچيا آهن پر اڃان تائين ان بابت ڪا به عملي چرپر نظر نٿي اچي. خبر نٿي پوي ته اسلام آباد جي سياسي ديڳڙي ۾ ڪهڙي کچڙي پچي رهي آهي. قومي ميڊيا جي ڪجهه نالي وارن تجزيي نگارن ۽ سنڌي ميڊيا جي وڏي نالي علي قاضي کان سواءِ ميڊيا جي باقي سموري خلق خاموش آهي، جڏهن ته عام ماڻهو وري بينظير انڪم سپورٽ واري وظيفي جي قسط حاصل ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ڇا به هجي پر اهو طئه آهي ته اسلام آباد جي سياسي ديڳڙي ۾ کچڙي هجي يا ڪو ٻيو لذيذ طعام هجي پر ڪجهه نه ڪجهه پچي ضرور پيو.

جيڪڏهن نگران وزيراعظم جي ڳالهه ڪجي ته قومي اسيمبلي ۾ عدم اعتماد واري ووٽ کان پوءِ خبر نٿي پئي ته ليڊر آف دي هائوس شهباز شريف آهي يا آصف علي زرداري يا بلاول ڀٽو زرداري! اگر اپوزيشن ليڊر جي ڳالهه ڪجي ته خبر نٿي پئي ته اهو عمران خان آهي يا راجا رياض آهي. پوءِ آخر ڪنهن جي صلاح مشوري سان نگران سيٽ اپ توڙي نگران وزيراعظم آندو ويندو؟ ٻئي طرف سينٽرل پنجاب ۾ آصف علي زرداري جي مداخلت تي نواز ليگ وارا به خوش نظر نه پيا اچن. جن جو خيال آهي ته جهڙي طرح سنڌ ۽ بلوچستان پيپلزپارٽي جي ڪنٽرول هيٺ آهي، اهڙي طرح ٿي پنجاب سندن هٿ هيٺ هجڻ گهرجي. ايتري تائين جو بلوچستان مان نواب ثناءُ الله زهري، ريٽائرڊ جنرل عبدالقادر بلوچ سميت ٻيا به ڪافي ماڻهو نواز ليگ جي آکيري مان نڪري پيپلزپارٽي جي پناهه ۾ اچي چڪا آهن پر ان بابت ظاهري طرح نواز ليگ ڪو به رد عمل نه ڏيکاريو. سنڌ مان ته ايئن لڳي ٿو ڄڻ نواز ليگ مڪمل طور هٿ پٺي وئي آهي. ايتري قدر جو نواز ليگ جي صوبائي صدر سيد شاهه محمد شاهه جهڙا ماڻهو به 'ن' ليگ قيادت کان وسري ويا آهن. پيپلزپارٽي کي راضي رکڻ لاءِ 'ن' ليگ شاهه محمد شاهه کي وفاق ۾ صلاحڪاري يا سينيٽر شپ ڏيڻ ته پري جي ڳالهه، ڪيس سڃاڻڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي. باقي جيڪي سنڌ مان نواز ليگ جي مخصوص سيٽن تي آيل ايم اين ايز ڪي به وفاق ۾ ڪا به لفٽ ناهي. اهي دل ئي دل ۾ فقط ان ڳالهه تي خوش آهن ته هو ايم اين ايز آهن. ان ڪري اهو خيال ڪيو پيو وڃي ته اليڪشن کان اڳ نواز ليگ ۽ پيپلزپارٽي ۾ ماضي جيان ڪشيدگي وڌي ويندي، ڇو ته نواز ليگ ۽ پيپلزپارٽي جو موجوده اتحاد ڪو فطري اتحاد ڪونهي، اهو غير فطري اتحاد آهي، ماضي ۾ جڏهن به پيپلز پارٽيءَ وفاق ۾ حڪومت ٺاهي آهي ته انهن نواز ليگ سان وڙهي ۽ مقابلا ڪري پوءِ وفاق ۾ حڪومت ٺاهي آهي. ٻنهي پارٽين جو جيڪو پنجاب اندر صفايو ٿيو، ان جو اهم سبب هنن پارٽين جو پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ به آهي. جهڙي طرح 2013ع ۽ 2018ع ۾ پنجاب اندر پيپلزپارٽي سان حشر ٿيو اهو ساڳيو حشر پنجاب اندر نواز ليگ سان به ٿيو زرداري سان اتحاد ڪرڻ جي ڪري ٻنهي پارٽين کي هڪ دفعو ٻيهر جي ٽي روڊ جي ووٽ لاءِ پاڻ ۾ وڙهڻو پوندو هڪ اهو به خيال آهي ته ملڪ جي انتهائي ڪمزور معيشت سبب ملڪ ۾ غير يقيني واري صورتحال توڙي 9 مئي تي حساس ادارن ۽ ملڪي ملڪيتن تي حملن جا سبب ڄاڻائي به اليڪشن هڪ سال لاءِ ملتوي ڪري سگهجن ٿيون، پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان هڪ سال لاءِ موجوده حڪومت کي ئي جاري رکيو ويندو يا ڪا ٽيڪنوڪريٽ حڪومت ايندي؟ بهرحال جيڪڏهن ايئن ٿئي ٿو ته اهي ٻئي ڳالهيون پيپلزپارٽي جي هضم ٿيڻ کان زور آهن. ڇو ته آصف علي زرداري سمجهي ٿو ته هن وقت عمران خان ڀلي عوام ۾ ڪيترو به مقبول هجي پر حالتون پيپلزپارٽي جي حق ۾ آهن، ان جا سبب هي آهن ته نواز ليگ هن وقت حڪمران جماعت آهي، جنهن جي دور ۾ ملڪ ۾ برداشت کان مٿي مهانگائي ٿي ۽ بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ ظلم جي گرمين ۾ ڊگهي لوڊشيڊنگ عام عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري اهي سڀ خواريءَ جا ڪارا نواز ليگ جي حصي ۾ آيا آهن. ٻئي طرف ملڪ جي مقبول جماعت پي ٽي آءِ 9 مئي تي غير ذميوارانا قدم کڻي پاڻ کي هيرو کان زيرو ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ٻنان ڪنهن محنت جي پيپلزپارٽي جون پنج ئي آڱريون گيهه ۾ آهن. ملڪ ۾ هن ئي سال ٿيندڙ اليڪشن ٻن وڏين پارٽين پي ٽي آءِ ۽ 'ن' ليگ جي حق ۾ ناهن. ان ڪري اهي ٻئي جماعتون اليڪشن ملتوي ڪرائڻ لاءِ راضي هونديون پر وقت تي اليڪشن ڪرائڻ تي فائدو فقط پيپلزپارٽي کي هوندو ۽ سامهون نظر ايندڙ صورتحال ۾ اصل طاقتور ڌرين جي شفقت جو هٿ به پيپلز پارٽيءَ مٿان محسوس ٿي رهيو آهي. ڪجهه حلقا اهو به چون ٿا ته وفاق سميت سنڌ ۽ بلوچستان جتي سدائين صوبائي حڪومت وفاق جي نظر ڪرم تي هوندي آهي، اتي به پيپلزپارٽي کي صوبائي حڪومت ۾ به پنهنجي حيثيت مطابق ڀاڱو ڏنو ويندو پر ڪجهه حلقن جو وري اهو چوڻ آهي ته باقي سڀ ڳالهيون فائنل ٿي چڪيون آهن پر ڪانٽو وزارت عظميٰ تي اٽڪيل آهي. جنهن تي اصل ڌرين بلاول ڀٽو زرداري کي ڇڏي پيپلزپارٽي مان ٿي ڪجهه نالا ڏنا آهن. جنهن مان انهن ڌرين جو ٻاڙيسري راجا پرويز اشرف به شامل آهي پر چون ٿا ته راجا صاحب اهو چئي انڪار ڪيو آهي ته جنهن اسيمبلي ۾ منهنجي قائد شهيد بينظير ڀٽو جو لخت جگر هجي، اتي آئون ليڊر آف دي هائوس نٿو ٿي سگهان. ٻي طرف اهو به چيو وڃي ٿو ته اصل ڌرين پنهنجن پراڻن سائين عبدالحفيظ شيخ، ميان محمد سومرو، داؤد فيملي ۽ ٻين کي وفاق ۾ ايڊجيسٽ ڪرڻ جي به سفارش ڪئي آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته تخت لاهور ماضي جيان نواز ليگ کي پليٽ تي رکي ڏنو ويندو. جنهن ۾ نئين ٺهندڙ سرڪاري جماعت استحڪام پاڪستان پارٽي ۽ ڪجهه حصو پيپلزپارٽي کي ڏنو ويندو. باقي ڪي پي ڪي جي مقبول جماعت PTIڪينسر، شگر، هيپاٽائٽس جهڙن موذي مرضن ۾ ورتل هوندي ٻه نه خان عبدالولي خان جي عوامي نيشنل پارٽي، نه مولانا صاحب ۽ نه ئي پيپلزپارٽي کي پير ڪوڙڻ ڏيندي، البته نواز ليگ کيس هزارا ڊويزن ۾ ڪجهه سيٽن تي ڏهه آنا، ڇهه آنا ڪري سگهي ٿي. خود پيپلزپارٽي لاءِ به اهو ڏنل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ ڏکيو هوندو ته وٽن نواز ليگ ۽ PTIکان هڪ يا ڪجهه وڌيڪ سيٽون هجن، جيئن وفاق ۾ پيپلزپارٽي لاءِ راهه هموار ڪري سگهجي.

پيپلزپارٽي جي قيادت سمجهي ٿي ته سنڌ جي 61 قومي سيٽن مان گهٽ ۾ گهٽ 48 کان 50 جو انگ وٽن هجي ۽ پنجاب اندر به هدف 15 کان 20 هوندو، جنهن مان مظفرگڙهه جي 6 مان 4، رحيم يار خان جي 6 مان 3، ملتان مان به اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني، سندس فرزند عبدالقادر گيلاني کٽي سگهن ٿا ۽ جهنگ مان مخدوم فيصل صالح حيات، پنڊي مان راجا پرويز اشرف، لاهور جي 12 سيٽن مان هڪ تي پيپلزپارٽي جي ثمينا خالد گهرڪي کٽي سگهي ٿي، باقي 5 کان 7 سيٽون پيپلزپارٽي سائوٿ پنجاب جي ٻين ضلعن مان کٽي سگهي ٿي. بلوچستان مان به پيپلزپارٽي هڪ يا 2 قومي جون سيٽون کٽي سگهي ٿي، جنهن ۾ نواب ثناءُ الله زهري ۽ ريٽائرڊ جنرل عبدالقادر بلوچ جي کٽڻ جا امڪان آهن. جڏهن ته مير چنگيز خان جمالي جي پوزيشن به بهتر ٻڌجي ٿي. ايندڙ پارليامينٽ ملڪ جي تاريخ جي هڪ اهڙي پارليامينٽ هجڻ جا گهڻا امڪان آهن. جنهن ۾ هڪ دفعو وري جوڙ توڙ جو ماهر آصف علي زرداري سٺي بارگيننگ ڪري حالتون پ پ جي حق ۾ آڻي سگهي ٿو بهرحال اهي سڀ فارمولا پنهنجي جاءِ تي پر ملڪ جا سينيئر ترين تجزيي نگار ملڪ ۾ وقت تي اليڪشن نه ٿيڻ جون پڻ اڳڪٿيون ڪري رهيا آهن پر قانون ۾ اهڙي ڪا به گنجائش نه آهي. ان ڪري ممڪن آهي ته عام چونڊون نومبر 2023ع ۾ ٿي ٿين.

بقايا *** 01

طلال بن منصور جي جنازي نماز اڄ ٻه جولاءِ تي مسجد الحرام مڪي پاڪ ۾ ادا ڪئي وئي عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته شهزادو طلال بن منصور ڀهرين جنوري 1950 ۾ ڄائو هو مشهور سيڙپڪار ۽ سعودي الاتحاد جو اڳوڻو سربراهه هو شهزادي طلال بن منصور جو ننڍپڻ طائف شهر ۾ گذريو سعودي عرب جو اڳوڻو بچاءُ وارو وزير شهزادو منصور بن عبدالعزيز سندس پيءُ هو شهزادي طلال شروعاتي تعليم جدي ۾ حاصل ڪئي ۽ آمريڪا جي بزنس مئنيجمينٽ ڪاليج مان ڊپلوما حاصل ڪئي.

بقايا *** 02

آهي ته پاڪستان ۽ جاپان گڏيل فائدي لاءِ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي واپار وڌائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽوڪيو ۾ رهندڙ پاڪستانين پاران منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. پرڏيهي وزير چيو ته زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ ۾ سيڙپڪاريءَ سان ٻئي ملڪ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. موجوده حڪومت ملڪ ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ اقتصادي سفارتڪاري تي ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته پاڪستان انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ جاپان جي ترقي مان سکي سگهي ٿو جاپاني قيادت ۽ واپارين سان ملاقات دوران هو پاڪستان ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ تي زور ڏيندو. بلاول ڀٽو چيو ته پاڪستان ۾ 65 سيڪڙو کان وڌيڪ نوجوانن جي آبادي آهي ۽ اسان ان انساني وسيلن کي مهارت تي ٻڌل تعليم ۽ تربيت ذريعي استعمال ڪري سگهون ٿا. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته اسان جي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي فلسفو رهيو آهي ته اسان کي امداد نه واپار گهرجي ۽ منهنجي جاپان جي دوري جو مقصد به اهو ئي آهي. هن چيو ته 9 مئي وارو واقعو پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو باب آهي. ڪنهن کي به جمهوري احتجاج جي نالي تي فوجي اڏن تي حملا ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. دوست ملڪن سان لاڳاپن تي پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان جي مفاد ۾ بهتر آهي ته اسان ڪنهن به قسم جي بلاڪ واري سياست جو حصو نه بڻجون ۽ ڪنهن هڪ سان لاڳاپن ۾ نه رهي پر سڀني سان لاڳاپا رکڻ گهرجن. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جاپان جي صدر شاهد مجيد ايڊووڪيٽ بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ محترمه بينظير ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا *** 03

ته بلوچستان جي حصي جو پاڻي سنڌ ۾ چوري ٿي رهيو آهي. پاڻيءَ جي چوري روڪي بلوچستان کي پنهنجو پاڻي ڏيو. بلوچستان جي وفد سکر بيراج جو دورو ڪري وفاقي وزير خورشيد شاهه سان ملاقات ڪئي. خورشيد شاهه بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو سکر ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس دوران خورشيد شاهه چيو ته ملڪ ۾ پاڻيءَ جي ڪا به کوٽ نه آهي. گڊو وٽ به تار پاڻي وهي رهيو آهي. هن چيو ته بلوچستان کي 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏينداسين. بلوچستان جي آبپاشي وزير حاجي محمد خان چيو ته 2 هزار ڪيوسڪ پاڻي ڏيڻ تي خورشيد شاهه جا ٿورائتا آهيونگڪنگ ريگوليٽر ۽ ٻين هنڌن تي پاڻيءَ جي چوري روڪڻ لاءِ ٻنهي صوبن جي گڏيل ڪميٽي به جوڙي وئي

بقايا *** 04

ڊالرن جي اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ معاهدي تي بيان جاري ڪيو آهي. موڊيز جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف سان اسٽينڊ باءِ معاهدي سان پاڪستان جي مالي گنجائش ۾ معمولي بهتري هوندي پر آءِ ايم ايف فنانسنگ سان پاڪستان لاءِ فنڊ حاصل ڪرڻ جو رستو کلندو. موڊيز موجب اهو پڪ سان نٿو چئي سگهجي ته پاڪستان آءِ ايم ايف جي 3 ارب ڊالر فنڊنگ حاصل ڪندو. موڊيز چيو آهي ته پاڪستان کي ڊگهي مدي جي استحڪام لاءِ سڌارا ڪرڻا پوندا ۽ پنهنجي آمدني وڌائڻي پوندي. موڊيز موجب ويجهي مستقبل ۾ پاڪستان جون معاشي سرگرميون متاثر رهنديون، بلند وياج جي شرح ۽ مهانگائي ۽ حڪومتي خرچ سيڙپڪاري تي اثرانداز رهندا. پاڪستان جي ٻاهرين قرضن جي ادائيگي به بلند رهندي.

بقايا *** 05

ها هن چيو ته سعودي عرب به ٻه ارب ڊالر ڏيڻ جو واعدو ڪيو. سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن کان مدد ۾ آرمي چيف اهم ڪردار ادا ڪيو. وزيراعظم اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رڪارڊ تيزي تي قوم ۽ ڪاروباري برادري کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته آءِ ايم ايف معاهدي سان سيڙپڪارن ۽ ڪاروباري برادري جو اعتماد بحال ٿي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته نواز شريف ترقي جو سفر جتي ڇڏيو هو. اتان ٻيهر شروع ٿي رهيو آهي. هاڻ ترقي جو سفر تيز ٿيندو. عوام کي مهانگائي مان ڇوٽڪارو ڏيارينداسين. وزيراعظم چيو ته 9 مهينن لاءِ ملندڙ رقم عارضي رليف آهي. اها اسان لاءِ فخر جي نه پر ڳڻتي جي ڳالهه آهي. دعا آهي ته آءِ ايم ايف سان اسان جي هيءَ آخري ڊيل هجي.

بقايا *** 06

مٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ ڪاروبار هڪ ڪلاڪ لاءِ روڪيو ويو. ڪاروبار جي شروعات تي ئي هنڊريڊ انڊيڪس 43 هزار جي سطح پار ڪري ويو ۽ انڊيڪس 2068 پوائنٽون واڌ سان 43521 تائين وڃي پهتو هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي ٻيهر شروعات هاڪاري انداز ۾ ٿي ۽ هنڊريڊ انڊيڪس 5.62 سيڪڙو واڌ سان 43783 تي هليو ويو عيد جي موڪلن کان اڳ ٿيل آخري ڪاروباري سيشن ۾ 100 انڊيڪس 41 هزار 452 تي بند ٿيو هو عيد ڪانپوءِ اڄ پهرئين ڪاروباري ڏينهن ۾ 100 انڊيڪس هڪ ڏينهن ۾ 2446 پوائنٽس جي رڪارڊ واڌ ڪانپوءِ 43 هزار 899 تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ 38 لک شيئرز جا سودا ٿيا. جن جي ماليت 8 ارب 64 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رهي. مارڪيٽ ڪيپٽلائيزيشن 318 ارب رپيا وڌي ڪاروبار جي پڇاڙي تي 6 هزار 687 ارب رپيا آهي.

بقايا *** 07

ڪئي ويندي. آءِ ايم ايف اختيارين جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي ملندڙ پهرين قسط جو ڪاٿو 1.1 ارب ڊالر هوندو. واضح رهي ته 30 جون تي پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ اسٽاف ليول معاهدو طئي ٿيو هو اهو 3 ارب ڊالرن جو اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ معاهدو آهي. آءِ ايم ايف جي پڌرائيءَ موجب معاهدو پاڪستان جي ٻاهرين ادائيگين جو دٻاءُ گهٽ ڪندو ۽ معاهدي سان سماجي شعبي لاءِ فنڊن جي فراهمي بهتر ٿيندي. جڏهن ته معاهدي تحت پاڪستان ٽيڪسن جي آمدني وڌائيندو. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته ٽيڪسن جي آمدني وڌڻ سان عوام جي ترقي لاءِ فنڊنگ وڌي سگهندي. معاهدو پاڪستان ۾ مالي ضابطن جو سبب بڻجندو ۽ معاهدي سان توانائي جا سڌارا يقيني بڻايا ويندا. جڏهن ته ايڪسچينج ريٽ کي مارڪيٽ جي حساب سان مقرر ڪيو ويندو.

بقايا *** 08

صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ميان زاهد حسين چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ اسٽاف ليول معاهدو ڪرڻ جو ڪريڊٽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار ڏانهن وڃي ٿو وزيراعظم هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي قائداڻي صلاحيتن کي مڃرايو آهي. ڪاروباري برادري آءِ ايم ايف جي اعتماد جي مڪمل بحالي لاءِ کنيل قدمن جي حمايت ڪري ٿي. ڊيفالٽ جي خواهش رکندڙ هڪ ڀيرو ٻيهر ناڪام ٿي ويا آهن. 3 ارب ڊالر جي اسٽينڊ باءِ پروگرام جي ڪاميابي يا ناڪامي جو دارومدار موجوده حڪومت، آگسٽ ۾ ٺهندڙ نگران حڪومت ۽ اليڪشن جي نتيجي ۾ جوڙجندڙ نئين حڪومت جي صلاحيت تي هوندو. ميان زاهد حسين ڪاروباري برادري سان ڳالهائيندي چيو ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ ٽن ارب ڊالر جو اسٽينڊ باءِ معاهدو ٿيڻ تي اپوزيشن انتهائي مايوس آهي جڏهن ته عوام ۽ ڪاروباري برادري مطمئن ٿي وئي آهي جنهن جو اظهار اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 2400 پوائنٽس جي واڌ سان ٿي ويو آهي. جيڪڏهن خدا نه چاهي ملڪ ڊيوالو ٿي وڃي ها ته عوام جا مسئلا برداشت جوڳا نه هجن ها ۽ مهانگائي هاڻوڪي سطح کان ڪيترائي ڀيرا وڌي وڃي ها. حڪومت جي ڪوشش سان ملڪ وقتي طور تي غير يقيني واري ڪيفيت مان نڪري آيو آهي. آءِ ايم ايف جو اعتماد اڃان مڪمل طور تي بحال ناهي ٿيو جنهن لاءِ سڀ ضروري اپاءَ ورتا وڃن جن جي ڪاروباري برادري غير مشروط حمايت ڪندي.

بقايا *** 09

زرداري ڪانسواءِ پارٽي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري مستقبل جي سياسي حڪمت عملي طئي ڪئي آهي. نواز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سياسي ۽ قانوني معاملن تي مشاورت ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي ڌيءَ مريم نواز کي پارٽي ۽ چونڊ معاملن بابت ٽاسڪ ڏنو جڏهن ته عام چونڊن لاءِ منشور ڪميٽي جوڙڻ جي به هدايت ڏني آهي. ذريعن موجب اجلاس ۾ ن ليگ هلندڙ مهيني چونڊ مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان مهم دوران سڄي ملڪ ۾ جلسا ڪيا ويندا ۽ ان حوالي سان نواز شريف سينيئر ليڊر شپ کي هدايتون جاري ڪندي چيو آهي ته چونڊن لاءِ پارٽي بيانيو نوجوانن کي نظر ۾ رکي ٺاهيو وڃي.

بقايا *** 10

بلوچستان، خيبر پختونخواهه ۽ مٿين علائقن ۾ مينهن وسڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي ڪراچي ۾ 7 ۽ 8 جولاءِ تي آنڌاري. ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي. ان حوالي سان چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز جو چوڻ آهي ته چوماسي برسات سان ڪراچي ۾ اربن فلڊنگ جو خطرو ناهي. هن چيو ته شهر ۾ جولي درجي جي برسات جو امڪان آهي. جڏهن ته سکر، ٿرپارڪر، ٺٽي ۽ ٻين ضلعن ۾ تيز برساتون ٿي سگهن ٿيون.

بقايا *** 11

گڏب ڪاتي مهانگائي بابت ماهوار انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان ۾ جون ۾ مهانگائي جي شرح 29.40 سيڪڙو رهي. جڏهن ته مئي ۾ مهانگائي جي شرح 38 سيڪڙو تي پهچي وئي هئي. انگن اکرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شهري علائقي ۾ مهانگائي جي شرح 27.3 سيڪڙو. جڏهن ته ٻهراڙي جي علائقن ۾ 32.4 سيڪڙو تي رهي. گذريل سال جون ۾ مهانگائي جي شرح 21.3 سيڪڙو تي هئي.

بقايا *** 12

ويو 50 هزار ٻارن کي مفت آءِ ٽي ڪورسن جي منصوبي تحت گورنر هائوس ۾ ايندڙ هفتي کان مرحلي وار ٽيسٽون شروع ڪيون وينديون. ڪامران ٽيسوري جي هدايت تي آءِ ٽي ايڪسپرٽ دانيال ناگوري کي آءِ ٽي بابت سي اي او گورنرز انيشيٽو مقرر ڪيو ويو آهي. دانيال ناگوري مفت آءِ ٽي تعليم جي منصوبي جي نگراني ڪندو، هو اعليٰ تعليم يافته آءِ ٽي انجنيئر ۽ برنس مين آهي ۽ اڳ به ان نوعيت جا پروگرام هلائڻ جو تجربو رکي ٿو سسٽڊ ذريعن موجب جو چوڻ آهي ته آءِ ٽي انجنيئر دانيال ناگوري پنهنجون خدمتون اعزازي طور انجام ڏيندو.

بقايا *** 13

داخل ڪري ڇڏي. درخواست ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪميشن کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ چيف جسٽس کان تحريڪ انصاف چيئرمين جون درخواستون ٻڌڻ کان معذرت ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. سيشن ڪورٽ جي فيصلي خلاف تحريڪ انصاف چيئرمين جون اپيلون ٻڌڻي هيٺ آهن. واضح رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين سڀاڻي اسلام آباد جي عدالتن ۾ 14 ڪيسن ۾ پيش ٿيندو ۽ 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي اسلام آباد جي احتساب عدالت ۾ ٿيندي.

بقايا *** 14

سرڪاري ڪتاب وڪڻڻ جو اعتراف ڪري رهيو آهي. آر او ۽ ٽي اي او آفيس مان وڪري لاءِ ڪتاب ڪٿي وڃڻ واري مبينا ميڊيا هٿ ڪري ورتي محمد پور روڊ تي ڪٻاڙي جي دوڪان تي پهرين کان اٺين درجي جا 8 من ڪتاب وڪرو ڪيا ويا تعليم کاتي جي ڪامورن جي ملي ڀڳت سان مختلف ڪٻاڙين کي ڪتاب وڪرو ڪيا ويا آهن ڪٻاڙي خان ڪولاچي موجب عيد کان هڪ ڏينهن اڳ تعليم کاتي وارن کان سرڪاري ڪتاب ورتا جيڪي وڪڻي ڇڏيا آهنتي اي او پرائمري موجب ڪٻاڙي کي گرفتار ڪرايو آهي. ڪٻاڙي ۽ تعليم کاتي جي ملازم تي ڪيس داخل ڪرايو ويندو

بقايا *** 15

اگهه 180 رپيا في ڪلو کير جي وڪري تي عمل ڪرائين. پڇڪڙي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ڪمشنر اقبال ميمڻ جو چوڻ آهي ته سمورا آفيسر فيلڊ ۾ رهي عوام جون شڪايتون ختم ڪن ۽ کير جا اگهه چيڪ ڪن. ڪارروائي جي رپورٽ موڪلين. جتي پڇڪڙي ٿئي، اتي پنهنجي نگراني ۾ سرڪاري اگهه تي کير وڪرو ڪرائين واضح رهي ته ڊيري مافيا کير جي اگهه ۾ 20 رپيا في ليٽر واڌ ڪري ڇڏي هئي. جنهن ڪانپوءِ شهر ۾ کير 220 کان 230 رپيا في ڪلو ملي رهيو آهي.

بقايا *** 16

آءِ ايم ايف سان ڪاميابيءَ سان اسٽاف سطح تي معاهدو ڪيو آهي. ناڻي واري وزير چين جي گورنر کي معيشت ۾ استحڪام بابت به آگاهه ڪيو ۽ چيو ته حڪومت معاشي استحڪام برقرار رکڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. ان موقعي تي چين جي گورنر معاشي استحڪام جي بحالي لاءِ پاڪستان حڪومت جي قدمن کي ساراهيو. چيني معاملن واري وزير يقين ڏياريو ته چيني حڪومت پاڪستان جي مدد جاري رکندي. ملاقات ۾ اقتصادي، تجارتي ۽ مالياتي شعبن ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا *** 17

نوجوان عاشق ٿهيم فوت ٿي ويو هو پوليس قتل ڪيس ۾ نامزد جعلي پير پيرل شاهه، روشن ٿهيم ۽ سلطان ٿهيم کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو آهي ايس ايڇ او تعلقه ٿائو اعظم پنگوار رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ٽنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ ضروري ڪارروائي بعد رمانڊ لاءِ عدالت پيش ڪنداسين ۽ وڌيڪ جاچ جاري رهي آهي

بقايا *** 18

سي ايل ترجمان موجب گئس جي وڌندڙ ضرورت کي ڏسندي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. منصوبي سان ماهوار 411 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملندي. واضح رهي ته گذريل مهيني خيبر پختونخواهه جي ضلعي لڪي مروت ۾ ولي آئل اينڊ گئس فيلڊ مان پيدا ٿيندڙ تيل ۽ گئس قومي پيداوار ۾ شامل ڪئي وئي آهي. او جي ڊي سي ايل خيبر پختونخواهه جي ضلعي لڪي مروت ۾ ولي (بيٽاني) آئل اينڊ گئس فيلڊ مان پيداوار جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. گئس جي پيداوار 10 ايم ايم سي سي ايف روز. جڏهن ته تيل جي پيداوار (ڪيو آئل) 1000 بيرل روز آهي.

بقايا *** 19

سئو رپين ۾ في ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. ڪڪڙ جو گوشت ايترو مهانگو ٿيڻ سبب مارڪيٽ مان ان جا خريدار گم ٿي ويا آهن. مهانگائي سٽيل شهرين ۾ ايتري سگهه ناهي ته اهي ايڏو مهانگو گوشت خريد ڪري سگهن.

بقايا *** 20

ڏيندي ٻن مهينن ۾ ملازمن کي مستقل ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت چيو ته اهو بنيادي حقن جو معاملو آهي. ان کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون. ريڊيو پاڪستان جي 23 ملازمن مستقل نه ڪرڻ خلاف درخواستون داخل ڪيون هيون. درخواستن ۾ چيو ويو ته سالن کان ريڊيو پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهيا آهيون پر پڪو نه پيو ڪيو وڃي.

بقايا *** 21

(فاٽا) ۽ هزاره ضلعن کي صوبو بڻائڻ ۽ پنجاب ۽ بلوچستان کي 3 ۽ 3 صوبن ۾ ورهائڻ جي به تجويز ڏني. ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چيو ته بلوچستان کي ڏسو ان جو علائقو ڪيترو وسيع آهي. بلوچستان ۾ ٽي ۽ پنجاب ۾ ٽيالگ صوبا هئڻ گهرجن هن ڪراچي کي مڪمل الگ صوبو بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته فاٽا کي الگ صوبو بڻايو وڃي ۽ هزاره کي به صوبو بڻايو وڃي. مرزا محمد آفريدي چيو ته پاڪستان ۾ جيترا صوبا هوندا اوترو ملڪ بهتر ٿيندو. پيپلز پارٽي جي اعتراض جي جواب ۾ متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي ماضي ۾ ساڳي مطالبن جي جواب ۾ ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چيو ته 18هين ترميم منظور ڪئي وئي آهي ۽ نيشنل فنانس ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي؟ جڏهن نوان صوبا ٺهندا ته اين ايف سي ايوارڊ به ساڳي طرح ورهايو ويندو. هن چيو ته مون فنڊن جو معاملو ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سان به اٿاريو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نوان صوبا ٺاهڻ سان ملڪ کي درپيش مسئلا حل ٿي ويندا. فاٽا جو انضمام جلدبازي ۾ ٿيو. اسان کي حڪومت کان واعدا ورتا هئا. مقامي ماڻهن کي ان تي گهڻا خدشا آهن. پاڪستان ۾ جيترا وڌيڪ صوبا هوندا اوترو پلو ٿيندو. هن چيو ته فاٽا کي به صوبو بڻائڻ گهرجي. ڪي پي جو هليت وزير وزيرستان، باجوڙ، مهمند ايجنسي نٿو وڃي سگهي. هن جي ذهن ۾ اڃا به قبائل جو تاثر آهي. ڪراچي صوبو بڻجڻ گهرجي. بلوچستان، پنجاب ۾ ٽي ٽي صوبا ٿيڻ گهرجن هن چيو ته اسان صوبا ٺاهينداسين ته انتظاميا بهتر ٿيندي. ماڻهن وٽ زراعت جي حوالي سان سهولتون ميسر ناهن. صوبي ۾ جيتري به آبادي هوندي اين ايف سي مان اوترو شيئر ملندو

بقايا *** 22

ڪاشف خالد 2012ع ۾ ڪراچي ۾ ڪرائيم رپورٽنگ ڇڏي ڪئي. 10 سال اڳ آمريڪا شفٽ ٿيو جتي هن پنهنجي تعليمي ڪيريئر کي جاري رکيو ۽ ڪرمنل جسٽس ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ بعد آمريڪي رياست ڪولوراڊو ۾ پوليس آفيسر جي نوڪري حاصل ڪري ورتي.

بقايا *** 23

۾ لاهور، اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ ملاقاتون ڪندا. جڏهن ته پارٽي قيادت خيبرپختونخواهه جي وڏين سياسي شخصيتن سان به رابطو ڪيو آهي. ٿورو موجب اليڪشن ڪميشن ۾ پارٽي جي رجسٽريشن به هلندڙ هفتي مڪمل ٿي ويندي. جهانگير ترين ۽ عليم خان جي منظوري ڪانپوءِ درخواست اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي جي قيادت به وڏي پيماني تي ميمبر سازي مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا *** 24

شرڪت ڪئي وئيدهشتگردن سان ويڙهه ۾ شهيد ٿيل دادو ضلعي جي نائڪ باقر علي جو مڙهه به ميهڙ ويجهو بخش لاڪير ۾ فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو فوج جي جٿي پاران سلامي پيش ڪئي وئي. شهيد ٿيل ميجر ثاقب جي سوڳوارن ۾ والدين ۽ بيوهه شامل. شهيد باقر علي جي سوڳوارن ۾ ٽن سالن جي نياڻي ۽ بيوهه شامل آهن آءِ ايس پي آر موجب بلور ۾ سڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران دهشتگردن سان ويڙهه شروع ٿي وئيآءِ ايس پي آر موجب ويڙهه ۾ سانگهڙ سان تعلق رکندڙ ميجر ثاقب ۽ دادو ضلعي سان تعلق رکندڙ نائڪ باقر علي شهيد ٿي پيا. دهشتگردن سان ويڙهه ۾ پاڪ فوج جو لانس نائڪ عمير زخمي ٿي پيو. سڪيورٽي فورسز قوم سان گڏجي امن تباهه ڪرڻ وارن ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزم آهن

بقايا *** 25

هولڊرز وٽان ملي رهيا هئا جيڪي وري روڪيا ويا هئا. ان دوران شازيا مري اعلان ڪيو هو ته هاڻي پيسا مرڪزن بدران بينڪن وٽان ملندا. اهڙي اعلان بعد ٻيهر اعلان ڪيو ويو آهي ته اڄ کان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ رقم بينڪس جي ريٽيلرز وٽان ڏني ويندي.

بقايا *** 26

غريب جو علاج بند ڪيو پيو وڃي. نگران وڏي وزير محسن نقوي رات دير سان لاهور ۾ اڪبر چوڪ فلائي اوور منصوبي جو دورو ڪيو ۽ ڪم جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو لاهور اڪبر چوڪ فلائي اوور منصوبي جي دوري تي ميڊيا سان ڳالهائيندي محسن نقوي چيو ته هيلٿ ڪارڊ جو غلط استعمال بند ڪيو ويو آهي. دل جا آپريشن ڪنهن به صورت ۾ بند ناهن ڪيا ويا. خانگي اسپتالن ۾ دل جي آپريشن لاءِ رڳو 30 سيڪڙو ادا ڪرڻو پوندو آهي. هن چيو ته هيلٿ ڪارڊ جي فراهمي کي ڪنهن به صورت ۾ نه روڪيو پيو وڃي. ڪنهن به غريب جي علاج کي روڪيو پيو وڃي. اميد آهي ته هن منصوبي تي مقرر ڪيل هدف کي پورو ڪيو ويندو ڏوهن جي شرح بابت ڳالهائيندي محسن نقوي چيو ته ڏوهن جي شرح گهٽ ٿي آهي پر گهٽ نه ٿي آهي جيئن گهٽ ٿيڻ گهرجي ها.

بقايا *** 27

آهي. عيد کان اڳ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 290 رپين تي بند ٿيو هو جڏهن ته انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 72 پئسا سستو ٿي 286 رپين 99 پئسن تي بند ٿيو هو

بقايا *** 28

جي سٽي ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيس جوڙيا آهن ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماڻهن کي ڪهڙي پريشاني آهي، زندگي، موت، عزت ۽ ذلت ڏيڻ وارو الله ئي آهي. فردوس شميم نقوي به چيو ته مان پاڪستان لاءِ آهيان. تحريڪ انصاف پاڪستان لاءِ آهي.

بقايا *** 29

ناري کي زيادتيءَ بعد قتل ڪري درياءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو ۽ سنڌس لاش درياءَ مان هٿ آيو پوليس موجب، شاگرديائي گذريل سومر جي ڏينهن موبائيل چارج ڪرائڻ جو چئي گهران نڪتي ۽ لاپتا ٿي وئي جنهن بعد پوليس کي سنڌس لاش سونابور ۾ درياءَ مان هٿ آيو پوليس جو چوڻ هو ته ان سلسلي ۾ شڪ جي بنياد تي هڪ رڪشا ڊرائيور کي حراست ۾ ورتو ويو. جنهن جاچ دوران پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪري ورتو آهي.

بقايا *** 30

اڏاوتن بابت ٻڌائي ٿيغير قانوني اڏاوتون نه رڪجڻ تي عدالت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ڇڏيا. سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چوڻ هو ته ايس بي سي اي غيرقانوني اڏاوتن کي روڪڻ ۾ ناڪام ڇو آهي؟ ڇو نه شهر ۾ غير قانوني اڏاوتن جو ذميوار ايس بي سي اي کي قرار ڏنو وڃي؟عدالت ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ياسين شر کي 17 جولاءِ تي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتو. عدالت حڪم ڏنو ته ايندڙ ٻڌڻي کان اڳ غيرقانوني اڏاوتون ڊاهي پٽ ڪيون وڃن. جيڪڏهن غيرقانوني اڏاوتون نه هٽايون ويون ته ڊي جي ايس بي سي اي جي خلاف حڪم جاري ڪنداسينايس بي سي اي جو چوڻ هو ته غير قانوني اڏاوتون نه روڪڻ وارن ذميوارن جي نشاندهي لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي آهيعدالت ڊي جي ايس بي سي اي جي رپورٽ کي غير تسلي بخش قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو . عدالت چيو ته رپورٽ ۾ منظوري کان سواءِ اڏاوتون ڇو ڪيون پيون وڃن؟ اهو به نه ٻڌايو ويو ته غير قانوني اڏاوتن کي مسمار ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو؟سنڌ هاءِ ڪورٽ چيو ته غيرقانوني اڏاوت جي گئس، بجلي ۽ پاڻي جا ڪنيڪشن ڇو نه ختم ڪيا ويا؟ ايس بي سي اي لاءِ مخصوص پوليس فورس هجڻ باوجود ٻي فورس جي ضرورت ڇو ٿي پوي؟ اهي سڀ وضاحتون رپورٽ جو حصو هجڻ گهرجن

بقايا *** 31

ڪنيو. قلنجي اسٽيشن ۾ سيپڪو خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ايوان صحافت آڏو قلنجي-دادو مين روڊ تي شهرين طرفان ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين چيو ته سخت گرميءَ ۾ بجلي نه هئڻ سبب ٻارن ٻچن سوڌو تڙپي رهيا آهيون. اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو گاجي کهاوڙ ۾ به بجليءَ جي بندش ۽ سيپڪو جي زيادتين خلاف احتجاج، شهرين پاران بس اسٽاپ وٽ مظاهرو. اڻ اعلانيل ڊگهي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو پٿي پاسي ڳوٺ ياسين ۾ 25 کان وڌيڪ هٿياربندن جي سيپڪو جي گرڊ اسٽيشن تي چڙهائي، عملي تي تشدد ۽ پيچ ڦاهه ڪئي وئي ايس ڊي او سيپڪو ڳوٺ ياسين جو چوڻ آهي ته هٿياربندن آفيس ۾ گهڙي چيو ته سون واهه فيڊر جي بجلي ڇو بند ڪئي اٿو جوابدار عملي تي تشدد دوران سون واهه فيڊر جي بجلي بحال ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندا رهيا عملي جو چوڻ هو ته پوليس اطلاع ڏيڻ باوجود نه پهتي، ٻيهر به حملو ٿيڻ جو خدشو آهي. سيپڪو جي عملي کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا *** 32

آهي ته پاڪستان ۽ جاپان گڏيل فائدي لاءِ مختلف شعبن ۾ ٻطرفي واپار وڌائڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ٽوڪيو ۾ رهندڙ پاڪستانين پاران منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. پرڏيهي وزير چيو ته زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ ۾ سيڙپڪاريءَ سان ٻئي ملڪ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. موجوده حڪومت ملڪ ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ اقتصادي سفارتڪاري تي ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته پاڪستان انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ جاپان جي ترقي مان سکي سگهي ٿو جاپاني قيادت ۽ واپارين سان ملاقات دوران هو پاڪستان ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ تي زور ڏيندو. بلاول ڀٽو چيو ته پاڪستان ۾ 65 سيڪڙو کان وڌيڪ نوجوانن جي آبادي آهي ۽ اسان ان انساني وسيلن کي مهارت تي ٻڌل تعليم ۽ تربيت ذريعي استعمال ڪري سگهون ٿا. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته اسان جي پرڏيهي پاليسي جو بنيادي فلسفو رهيو آهي ته اسان کي امداد نه واپار گهرجي ۽ منهنجي جاپان جي دوري جو مقصد به اهو ئي آهي. هن چيو ته 9 مئي وارو واقعو پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو ڪارو باب آهي. ڪنهن کي به جمهوري احتجاج جي نالي تي فوجي اڏن تي حملا ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. دوست ملڪن سان لاڳاپن تي پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان جي مفاد ۾ بهتر آهي ته اسان ڪنهن به قسم جي بلاڪ واري سياست جو حصو نه بڻجون ۽ ڪنهن هڪ سان لاڳاپن ۾ نه رهي پر سڀني سان لاڳاپا رکڻ گهرجن. ان موقعي تي پيپلز پارٽي جاپان جي صدر شاهد مجيد ايڊووڪيٽ بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ محترمه بينظير ڀٽو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا *** 33

صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ميان زاهد حسين چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ اسٽاف ليول معاهدو ڪرڻ جو ڪريڊٽ وزيراعظم شهباز شريف ۽ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار ڏانهن وڃي ٿو وزيراعظم هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي قائداڻي صلاحيتن کي مڃرايو آهي. ڪاروباري برادري آءِ ايم ايف جي اعتماد جي مڪمل بحالي لاءِ کنيل قدمن جي حمايت ڪري ٿي. ڊيفالٽ جي خواهش رکندڙ هڪ ڀيرو ٻيهر ناڪام ٿي ويا آهن. 3 ارب ڊالر جي اسٽينڊ باءِ پروگرام جي ڪاميابي يا ناڪامي جو دارومدار موجوده حڪومت، آگسٽ ۾ ٺهندڙ نگران حڪومت ۽ اليڪشن جي نتيجي ۾ جوڙجندڙ نئين حڪومت جي صلاحيت تي هوندو. ميان زاهد حسين ڪاروباري برادري سان ڳالهائيندي چيو ته آءِ ايم ايف سان 9 مهينن لاءِ ٽن ارب ڊالر جو اسٽينڊ باءِ معاهدو ٿيڻ تي اپوزيشن انتهائي مايوس آهي جڏهن ته عوام ۽ ڪاروباري برادري مطمئن ٿي وئي آهي جنهن جو اظهار اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 2400 پوائنٽس جي واڌ سان ٿي ويو آهي. جيڪڏهن خدا نه چاهي ملڪ ڊيوالو ٿي وڃي ها ته عوام جا مسئلا برداشت جوڳا نه هجن ها ۽ مهانگائي هاڻوڪي سطح کان ڪيترائي ڀيرا وڌي وڃي ها. حڪومت جي ڪوشش سان ملڪ وقتي طور تي غير يقيني واري ڪيفيت مان نڪري آيو آهي. آءِ ايم ايف جو اعتماد اڃان مڪمل طور تي بحال ناهي ٿيو جنهن لاءِ سڀ ضروري اپاءَ ورتا وڃن جن جي ڪاروباري برادري غير مشروط حمايت ڪندي.

بقايا *** 34

(فاٽا) ۽ هزاره ضلعن کي صوبو بڻائڻ ۽ پنجاب ۽ بلوچستان کي 3 ۽ 3 صوبن ۾ ورهائڻ جي به تجويز ڏني. ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چيو ته بلوچستان کي ڏسو ان جو علائقو ڪيترو وسيع آهي. بلوچستان ۾ ٽي ۽ پنجاب ۾ ٽيالگ صوبا هئڻ گهرجن هن ڪراچي کي مڪمل الگ صوبو بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته فاٽا کي الگ صوبو بڻايو وڃي ۽ هزاره کي به صوبو بڻايو وڃي. مرزا محمد آفريدي چيو ته پاڪستان ۾ جيترا صوبا هوندا اوترو ملڪ بهتر ٿيندو. پيپلز پارٽي جي اعتراض جي جواب ۾ متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي ماضي ۾ ساڳي مطالبن جي جواب ۾ ڊپٽي چيئرمين سينيٽ چيو ته 18هين ترميم منظور ڪئي وئي آهي ۽ نيشنل فنانس ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي؟ جڏهن نوان صوبا ٺهندا ته اين ايف سي ايوارڊ به ساڳي طرح ورهايو ويندو. هن چيو ته مون فنڊن جو معاملو ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سان به اٿاريو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نوان صوبا ٺاهڻ سان ملڪ کي درپيش مسئلا حل ٿي ويندا. فاٽا جو انضمام جلدبازي ۾ ٿيو. اسان کي حڪومت کان واعدا ورتا هئا. مقامي ماڻهن کي ان تي گهڻا خدشا آهن. پاڪستان ۾ جيترا وڌيڪ صوبا هوندا اوترو پلو ٿيندو. هن چيو ته فاٽا کي به صوبو بڻائڻ گهرجي. ڪي پي جو هليت وزير وزيرستان، باجوڙ، مهمند ايجنسي نٿو وڃي سگهي. هن جي ذهن ۾ اڃا به قبائل جو تاثر آهي. ڪراچي صوبو بڻجڻ گهرجي. بلوچستان، پنجاب ۾ ٽي ٽي صوبا ٿيڻ گهرجن هن چيو ته اسان صوبا ٺاهينداسين ته انتظاميا بهتر ٿيندي. ماڻهن وٽ زراعت جي حوالي سان سهولتون ميسر ناهن. صوبي ۾ جيتري به آبادي هوندي اين ايف سي مان اوترو شيئر ملندو

بقايا *** 35

شرڪت ڪئي وئيدهشتگردن سان ويڙهه ۾ شهيد ٿيل دادو ضلعي جي نائڪ باقر علي جو مڙهه به ميهڙ ويجهو بخش لاڪير ۾ فوجي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو فوج جي جٿي پاران سلامي پيش ڪئي وئي. شهيد ٿيل ميجر ثاقب جي سوڳوارن ۾ والدين ۽ بيوهه شامل. شهيد باقر علي جي سوڳوارن ۾ ٽن سالن جي نياڻي ۽ بيوهه شامل آهن آءِ ايس پي آر موجب بلور ۾ سڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران دهشتگردن سان ويڙهه شروع ٿي وئيآءِ ايس پي آر موجب ويڙهه ۾ سانگهڙ سان تعلق رکندڙ ميجر ثاقب ۽ دادو ضلعي سان تعلق رکندڙ نائڪ باقر علي شهيد ٿي پيا. دهشتگردن سان ويڙهه ۾ پاڪ فوج جو لانس نائڪ عمير زخمي ٿي پيو. سڪيورٽي فورسز قوم سان گڏجي امن تباهه ڪرڻ وارن ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزم آهن

بقايا سنڌيار 01

ٿي نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان راجپوت برادري جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ اسان کي چون ٿا زمين ٿي ايڪڙ اسان کي ڏيو يا لڏو ڪٿو توهان هتان لڏي وڃو جڏهن اسان ڪاله پنهنجي زمين تي ٽيڪٽر ڪهرائي زمين آباد ڪرڻ چاهيون ٿا ته هٿيار بند وٺي اسان کي زمين ۾ ٽيڪٽر وهرائڻ نه ڏنائون وري رات هٿيار بند وٺي گهراڇي چيائون ته فورن شهر مان لڏيو يان ٻني تان هٿ ڪٿو اسان غريب ماڻهو آهيون اسان جهيڙو ڪرڻ نه ٿا چاهيون اسان چيف جسٽس پاڪستان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي بينظير آباد ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي وڏا سرڪش ماڻهو آهن اسان کي ڪي جاني مالي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ٿا ڏين اسان کي ڪجه به ٿيو ان جا ذميوار ڀاڻ هوندا انصاف نه مليو ته ايس ايس پي آفيس اڳيان سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 02

بدلي ڪيا ويا آهن نوشهروفيروز ضلعي مان منتقل ٿيل پوليس اهلڪار ڪشمور ضلعي ۾ ڊاڪوئن خلاف متوقع آپريشن ۾ حصو وٺندا. ذريعا ٻڌي ٿا پاسي بدلي ٿيل پوليس اهلڪارن ۾ ٽرٽلو مچي ويو آهي ڪيترن پوليس اهلڪارن بدليون روڪرائڻ لاءِ سياسي پوتارن جي بنگلن جورڪ ٻڌي پاسي هڪ ٿي وقت 75 پوليس اهلڪار بدلي ٿيڻ ۽ سبب نوشهرو فيروز ۾ پڻ امن امان خراب ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

آڌو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي. ڳالهائيندي هن چيو ته منهنجي والد جي وفات ڪان پوءِ ان جي جمع پونجي مون نيشنل اعتماد بئنڪ لاڙڪاڻو باقراڻي روڊ برانچ ۾ 80 لک روپيا جمع ڪرايا هئا ته جيئن اسان پاڻرن ۽ ڀينرن کي فائدو حاصل ٿي. جنهن بعد مئين بئنڪ جي مئنيجر عبدالحميد ڪلهوڙو بئنڪ ۾ مون سان مليو جنهن چيو ته تون 17 لک وٽ نه ته هي پئسا آفيسرن کي ڏٿي سپ شي ختم ڪرائي ڇڏيندس مان ان کي چيو ته ڳالهه 17 لکن جي ناهي 80 لکن جي آهي ،مون وٽ بئنڪ ۾ 80 لک روپيا جمع ڪرائڻ جا ثبوت به موجود آهن. اهڙيون لکت ۾ شڪايتون صدرِ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان صدر نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ،ريجنل آفيس نيشنل اعتماد بئنڪ لاڙڪاڻو سميت ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيلون ڪيون پر انصاف نه ٿيو مان وزير خارجه بلاول ڀٽو زرداري، پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر کي اپيل ٿو ڪيان ته مون کي 80 لک روپيا واپس ڪرايا وڃن بصورت مان پنهنجي گهر ڀاتين سميت اعتماد بئنڪ برانچ لاڙڪاڻو ٻاهران ٻچڙن سميت خودڪشي ڪري ڇڏيندس

بقايا سنڌيار 04

۾ پسند جو پرڻو ڪيو آهي. مونکي ڏهرڪي پوليس تنگ ڪري رهي آهي مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. منهنجو والد ملو پيل ۽ چاچو فروز پيل وارن تان ڪنهن به قسم جو رشتو ناهي رهيو آ. مسلمان ٿي آهيان مونکي پوٽلي وارثن ڪان جان جو خطرو آهي خدارا مونکي ۽ منهنجي مڙس منصور علي کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 05

ويا زخمي کي ڪٿي ڦلجي اسٽشن ٿاڻي تي پهچايو اين سي داخل ڪرائي وئي ۽ پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي متاثر ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦورو جيڪي 125 موٽر سائيڪل تي سوار هئا انهن وٽ هٿيار به هئا جن مون کان موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان ڦر ڪيو آهي انهن ڦورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 06

